اِنَّمَا اللّٰهُ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ (النساء- ١٧١)

# توحيد
ڪراچي

وحده لاشريڪ له اهو وهائج وِيُ (شاهه)

سنڌ ۾ توحيد جي دعوت لاءِ فڪر ۽ عمل
جون نيون راهون روشن ڪندڙ ماهوار
ڪتابي سلسلو_2

سرپرست اعليٰ: مفسر قرآن
حڪيم الاسلام مفتي عبدالوهاب چاچڙ

**سرپرست**
پروفيسر سيد عباداللہ راشدي

**چيف ايڊيٽر**
محمد سليمان طاهر انيڙ

**ايڊيٽر**
نور احمد ميمڻ

**مشاورتي بورڊ**
مفتي محمد صادق سومرو
عبدالستار عباسي
محمد انس راڄپر
محمد رفيق پرڳڙي

محرم الحرام ١٤٣١ هه مطابق جنوري 2010ع

## فهرست


| | | |
|---|---|---|
| حڪمت قرآن | ادارو | 2 |
| حڪمت رسول ﷺ | ادارو | 3 |
| تعليمات امام شاهه ولي الله ۽ حضرت سائين روضي ڌڻي | ادارو | 5_4 |
| امت مسلمه جو فرض منصبي | مولانا سليمان طاهر انيڙ | 7 |
| دين جو روح حقوق العباد جي ادائيگي | مولانا سليمان طاهر انيڙ | 9 |
| اسلام ۾ توحيد | مولانا ابوالڪلام آزاد | 11 |
| مذهبن جي حقيقي تعليم کي فراموش ڪرڻ جا نتيجا | مولانا عبداللطيف نانگراج | 15 |
| قرآن مجيد جي اشاعت جي تاريخ | علامه عبدالله منهاس | 18 |
| مسلمانن جو عروج و زوال | مولانا سعيد اڪبر آبادي | 21 |
| قرآن مجيد جي سمجهڻ ۾ سندس نازل ٿيڻ جي ترتيب جي اهميت | مولانا عبيدالله سنڌي | 23 |
| انسان جون ٽي خاصيتون | نور احمد ميمڻ | 25 |
| عليڪم بسنتي: لباس جون سنتون | مولانا شعيب الرحمن کهڙو | 27 |
| سنڌ ۽ سنڌين جو تاج سيد تاج محمود امروٽي | امير بخاري | 29 |


سرڪيوليشن ۽ مواد لاءِ رابطي جي ايڊريس
حڪمت قرآن انسٽيٽيوٽ،
6 سنڌي جماعت ڪو آپريٽو سوسائٽي، جوڳي موڙ بس اسٽاپ
نيشنل هاءِ وي ڪراچي 75030 فون: 021-35000278 موبائل: 03132707097
www.hikmatequran.org email: hikmatequran@gmail.com

الله تعاليٰ جي توحيد ۽ معرفت ۽ سنت رسول ﷺ جو پيغام پنهنجي چوڌاري انسانن تائين پهچائڻ جي لاءِ ماهوار توحيد ۽ اهڙن ٻين ڪتابن جي ڦهلاءَ ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪيو.



## حڪمتِ قرآن

اَمْ لَهُمْ شُرَكٰٓؤُا شَرَعُوْا لَهُمْ مِّنَ الدِّيْنِ مَا لَمْ يَاْذَنْۢ بِهِ اللّٰهُ ؕ وَلَوْ لَا كَلِمَةُ الْفَصْلِ لَقُضِيَ بَيْنَهُمْ ؕ وَاِنَّ الظّٰلِمِيْنَ لَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿٢١﴾ (سوره شوريٰ- ٢١)

”ڇا انهن منڪرن الله تعاليٰ سان اهڙا شريڪ ٺاهيا آهن، جن هنن کي ڪو دين ٺاهي ڏنو آهي جنهن جي الله تعاليٰ اجازت نٿو ڏئي. جيڪڏهن دنيا ۾ عذاب نه ڪرڻ جو فيصلو نه ڪيو ويجي ها ته انهن جو ڪم هت ئي پورو ڪري ڇڏجي ها. مگر اهو ڏينهن اڳتي ايندو ۽ ظالمن لاءِ دردناڪ عذاب تيار آهي.“

مشرڪن جيڪي الله تعاليٰ جا شريڪ ۽ ڀائيوار ٺاهيا آهن، انهن پنهنجن حڪمن ذريعي انهن لاءِ ڪو دين ٺاهي انهن کي ڏنو آهي جنهن جي الله تعاليٰ هرگز اجازت نٿو ڏئي، غور طلب ڳالهه اها آهي ته اهي ڪهڙا شريڪ آهن جن مشرڪن کي اهڙا حڪم ٺاهي ڏنا آهن. هڪڙا شريڪ بت مورتيون ۽ سج چنڊ، حيوان ۽ ٻاهه پاڻي وغيره آهن، اهي اهو ڪم نٿا ڪري سگهن. ٻيا ملائڪ آهن اهي به اهو عمل نٿا ڪن. هن آيت مان مراد اهي شريڪ آهن جيڪي رهنمائن، حڪمرانن ۽ مترفين جي شڪل ۾ ”انسان“ موجود آهن جيڪي ماڻهن تي احڪام مڙهيندا آهن. الله جي حڪمن جي بجاءِ پنهنجن حڪمن تي عوام کي هلائيندا آهن. جڏهن ته اهي پنهنجو دين جوڙي ماڻهن کي ان جي پيروي تي مجبور ڪندا آهن. اهي ئي الله تعاليٰ جي اطاعت ۾ شريڪ ٿي شرڪ جو دين ٺاهي، ماڻهن کي مشرڪ ٺاهيندا آهن. يهودين ۽ نصارن جا احبار ۽ رهبان، خدا جي مقابلي ۾ پنهنجي عبادت ۽ اطاعت ڪرائيندا هئا. مڪي جا سردار پنهنجا حڪم لاڳو ڪري ماڻهن کي شرڪ تي قائم رکندا هئا. اڄ جي معاشرن ۾ به طاغوتي طاقتون پيشه ور مذهبي اڳواڻ، متڪبر حڪمران، دولت مند امير، طبقاتي ٽولا ٺاهي، دين اسلام ۽ توحيد جي مقابلي ۾ پنهنجا قانون ٺاهي عوام کي شرڪ ۾ ڦاسائيون وينا آهن. انهن جعلي شريڪن کي چيو ويو آهي ته هي دنيا فيصلي جي جاءِ هجي ها ته توهان تي اڄ ئي عذاب اچي وڃي ها مگر فيصلي جو ڏينهن مقرر آهي جيڪو اچڻ وارو آهي ۽ انهن ڏينهن جي عذاب لاءِ تيار رهو.“

مولانا عبيدالله سنڌي رحمة الله عليه فرمايو آهي ته استحصالي طبقا پنهنجي طبقاتي مفادن جي حاصلات لاءِ عام ماڻهن کي پنهنجن طريقن سان ڦرلٽ جي ڄار ۾ ڦاسائيندا آهن. اهڙي صورت ۾ توحيد پرست جماعت تي فرض بيهي ٿو ته اها نا انصافي ڪندڙ ٽولن سان مزاحمت ڪري عدل ۽ انصاف ڀري معاشري جي قيام لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪري ۽ ڦورو طبقن کي عبرتناڪ انجام تي پهچائي.

## حڪمتِ رسول صلي الله عليہ وسلم

# اسلام جون منزلون

عن فضالة بن عبيد رضه قال سمعت رسول الله ﷺ يقول الاسلام ثلاثة ابياتٍ، سفلیٰ وعليا وغرفه، اما السفلیٰ فالاسلام دخل عليه عامة المسلمين فلا يسأل احدمنهم الاقال انا مسلم واما العليا فتفا ضل اعمالهم، بعض المسلمين افضل من بعض واما الغرفه العليا فالجهاد فی سبيل الله لاينالها الاافضلهم (كنزالعمال كتاب جهاد)

”حضرت فضالہ بن عبيد رضہ کان روايت آهي تہ مون حضور ﷺ جن کي اهو فرمائيندي ٻڌو تہ اسلام ٽن منزلن وارو گهر آهي. هيٺين منزل اسلام قبول ڪرڻ آهي، (ڪلمہ توحيد پڙهي مسلمان ٿيڻ) جنهن کان پڇنديون تہ تون ڪير آهين تہ جواب ڏيندو مان مسلمان آهيان. ٻي منزل آهي عمل صالح اختيار ڪرڻ، ان ۾ ڪي مسلمان ڪن مسلمانن کان وڌيڪ آهن ۽ ڪي گهٽ. ۽ مٿاهين منزل آهي جهاد في سبيل الله (جان ۽ مال قربان ڪرڻ) ان مقام تي مسلمانن مان افضل مسلمان ئي پهچي سگهي ٿو.

عام مسلمان توحيد جو ڪلمو پڙهي امت مسلمہ ۾ شامل آهن، جيڪو پاڻ کي مسلمان چوائي. هاڻي ڪنهن کي بہ حق ناهي تہ ان کي امت مان خارج ڪري ڪافر قرار ڏئي. توحيد، رسالت ۽ آخرت جو اقرار ڪندڙ مسلمان کي ڪافر قرار ڏيڻ يا ڪنهن ٻي شيءِ کي تسليم ڪرائڻ لاءِ اصرار ڪرڻ قرآن ۽ پيغمبر جي تعليمات جي خلاف آهي. مسلمان جو ٻيو درجو حقوق الله ۽ حقوق العباد جي ڪامل ادائگي آهي. ان عمل ۾ مختلف مسلمانن جو فرق ٿي سگهي ٿو ڪي بهتر مسلمان تہ ڪي ڪمتر، مگر اصل ۽ اسلام جي روح تي اهو مسلمان پهتل آهي جنهن جي زندگي ۾ جهاد في سبيل الله آهي. هو شرڪ ۽ ڪفر جي خلاف، دين جي دشمنن جي خلاف، طاغوتي ۽ ظالمانہ نظام جي خلاف، ظلم ۽ ڏاڍ جي خلاف، غلامي ۽ انسانن جي حق تلفي جي خلاف، معاشي ۽ معاشرتي ناانصافين جي خلاف، بادشاهي ۽ فوجي آمريت واري نظام جي خلاف ڀرپور طريقي سان هر وقت جهاد في سبيل الله ۾ رڌل هجي. جان ۽ مال جي قربانيءَ سان پنهنجو پاڻ کي دين جي سربلنديءَ لاءِ وقف ڪري ڇڏي، ڪلمو حق بلند ڪري، قلم ذريعي ۽ زبان ذريعي مسلمانن کي اُڀاري، جو رستو اختيار ڪري تان تہ شهيد ٿي، عرش عظيم جي پاڇي ۾ جڳهہ حاصل ڪرڻ جو پاڻ کي حقدار بڻائي ڇڏي.



## تعليمات امام شاهہ ولي الله رحمة الله عليه

# معاشري جي پهرين منزل

انسان جي پهرين منزل ڪي جماعتي زندگي ۽ انساني معاشري ۾ بنيادي پٿر سمجهڻ گهرجي، ان کان انسانن جو ننڍي کان ننڍو گروه بہ بي نياز نٿو ٿي سگهي. ڪوبہ انساني گروه شهرن ۽ ڳوٺن کان پري، پهاڙن جي غارن ۾ يا ميدانن جي اوسيڙي ۾ چو نہ رهندو هجي، ان ۾ پهرين درجي جا اجتماعي ادارا ضرور ملندا، ان ۾ سندس ڪوشش هيٺين ضرورتن کي پورو ڪرڻ آهي.

**دل جي خواهش لاءِ زبان جو استعمال:**

خيالن جي مٽاسٽا لاءِ زبان جو پيدا ٿيڻ، هڪ زبان ڳالهائيندڙن جي پاڻ ۾ تعلقات جي گڏجاڻي، هڪ معاشري کي جنم ڏئي ٿي. جيڪڏهن ڪنهن گروه ۾ اظهار لاءِ ڪابہ زبان نہ هجي تہ هو ڪنهن بہ ڪم کي گڏجي پورو نٿا ڪري سگهن. خود زبان ماڻهن جي گڏجي رهڻ سان وجود ۾ اچي ٿي ۽ وڌيڪ ميلاپ سان ترقي ڪري ٿي، ان ڪري هر زماني ۾ ۽ هر مقام تي، هر انساني گروه ضمير جي اظهار لاءِ ڪنهن نہ ڪنهن زبان کي ايجاد ڪري ٿو. اها فطري ضرورت ۽ فطري حق آهي.

**لباس ۽ رهائش:**

گرمي ۽ سردي کان بچاءَ لاءِ هڪ گهر جي ضرورت لازمي آهي، ڪنهن محفوظ جڳهہ تي رهڻ ان لاءِ بہ آهي تہ ڪو دشمن يا خوفناڪ جانور ان تي حملو نہ ڪري سگهي. لباس جي ضرورت ان ڪري تہ گرمي ۽ سردي کان پاڻ کي بچائي ۽ سندس زيب ۽ زينت بہ بڻجي.

**خوراڪ:**

زندهہ رهڻ لاءِ خوراڪ ضروري آهي، ان لاءِ انسان جي جدوجهد جاري رهندي پئي اچي ۽ نت نوان طريقا استعمال ڪري جيئن خوراڪ ڪائڻ کي پاڻ لاءِ بهتر کان بهتر بڻائڻ لاءِ غور ۽ فڪر ڪندو ٿو رهي، تيئن ان جي حصول جي طريقن جي ترقي ۽ بهتريءَ لاءِ پڻ جاکوڙيندو رهي ٿو.

**اخلاقي ضرورت:**

مادي شين کان علاوه اخلاقي ضرورتن جو احساس بہ سندس فطرت ۾ موجود آهي، ڪنهن سردار کي مقرر ڪرڻ، هڪ عورت کي هڪ مرد لاءِ مخصوص ڪرڻ، نسب وڌائڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ، توازن قائم ڪرڻ، تمدن ڏانهن پيش رفت سندس فطرت ۾ شامل آهي.

اها انسان جي ذاتي زندگي آهي ۽ ڪنهن بہ تمدن جي اڏجڻ ۾ اهو پهريون فطري ڏاڪو آهي.

## حضرت روضي ڌڻي رحمة الله عليه فرمايو...

حضرت پير محمد راشدي روضي ڌڻي فرمائن ٿا تہ ”اسلام جو بنياد جهڙي طرح ايمان جي اصولن تي آهي تهڙي طرح احسان جو بنياد الله جل جلاله جي اسمن ۽ صفتن کي ڄاڻڻ ۽ انهن جي تقاضا موجب پاڻهپ نڀائڻ ۾ آهي“

ان جو مطلب آهي تہ ايمان ۽ احسان لازم ملزوم آهن ايمان عقيدو آهي ۽ احسان عملي زندگي آهي، مومن ڀانهو پنهنجي عملي زندگي تيستائين الله جي رضا ۽ پسنديدگي مطابق نہ گذاري سگهندو جيستائين الله تعاليٰ جي صفتن جو شعور حاصل نہ ڪندو ۽ انهن صفتن جي پٽاندڙ پنهنجي اندر اهي اخلاق پيدا نہ ڪندو.

حضرت روضي ڌڻي فرمائن ٿا:

”ايمان جو مطلب اهو آهي تہ ٻانهو الله جي وجود، ان جي ربوبيت، ان جي الوهيت ۽ سندس سمورن اسمن ۽ صفتن تي ايمان آڻي ۽ ضروري آهي تہ جنهن تي ايمان آڻي ٿو ان جو ڪيس علم بہ هئڻ گهرجي.“

ان جو مطلب آهي تہ ايمان جو واسطو صرف عبادت جي ڪجهہ عملن سان ناهي بلڪ الله تعاليٰ جي ربوبيت جون صفتون ۽ قانون، الله تعاليٰ جي حاڪميت جون صفتون ۽ ان جا قانون ۽ الله تعاليٰ جي الوهيت جون صفتون ۽ ان جا قانون انسان لاءِ پنهنجي عملي زندگيءَ ۾ نافذ ڪرڻ بيحد ضروري آهن. پوءِ اهڙو مومن ٻانهو جڏهن الله تعاليٰ جي حضور ۾ ان جي عبادت لاءِ حاضر ٿيندو تہ ان کي عبادت جو حقيقي لطف حاصل ٿيندو. ڇاڪاڻ جو هو الله تعاليٰ جي صفتن جي اتباع ۾ پنهنجي روزاني معمولات ۾ خلق سان ڀلايون ڪري رهيو هوندو آهي. هُن سماج ۾ ڀلاين جا ڪجهہ ڪم پنهنجي مٿان ڪڻي ڇڏيا آهن ۽ عبادت وقت اها رپورٽ پيش ڪري جڏهن الله جي صفتن ۽ شان کي بيان ڪندو تہ اهڙو ماڻهو ئي عبادت جو حقيقي لطف ماڻيندو آهي.

حضرت روضي ڌڻي ان سلسلي ۾ فرمائن ٿا: ”الله جل جلاله جي صفتن کي معلوم ڪرڻ ۾ هڪ حڪمت هي بہ آهي تہ اهو ٻانهو جنهن کي الله جل جلاله جي اسمن ۽ صفتن جو علم هوندو، اهو جڏهن عبادت لاءِ بيهندو آهي تہ الله جي ذات اقدس جو سندس ڪماليت وارين صفتن سان مشاهدو پيو ماڻيندو آهي. پوءِ جيڪو الله جل جلاله جي اهڙي تصور سان عبادت ڪري ٿو تہ اها عبادت ڪامل عبادت چئي ويندي. پر جيڪو الله جل جلاله جي عظمت ۽ ڪمال وارين ان صفتن جي شعور کان محروم آهي تنهن جي عبادت بي جان ۽ بي نور آهي. جيئن قرآن حڪيم ۾ فرمايل آهي تہ هَلْ يَسْتَوِى الَّذِيْنَ يَعْلَمُوْنَ وَ الَّذِيْنَ لَا يَعْلَمُوْنَ ؕ اِنَّمَا يَتَذَكَّرُ اُولُوا الْاَلْبَابِ (زمر – 9) يعني علم وارا ۽ بي علم برابر ٿيندا ڇا؟ نصيحت ۽ فيض صرف عقلمند ئي پرائيندا آهن. پوءِ جيڪو چاهي تہ بصيرت جو صاحب بڻجي ۽ عبادت الاهي ۾ ڪمال حاصل ڪري تہ، ان کي گهرجي تہ پهريان الله جي پاڪ اسمن ۽ صفتن جو علم ۽ معرفت ضرور حاصل ڪري.“ (شرح اسماء الله الحسنيٰ)



## امام حماد الله هاليجوي رحمة الله عليه فرمايو....

### درجي وار مرتبو

انسانن ۾ سڀ کان وڏو مرتبو ۽ بلند مقام حضور ڪريم صلى الله عليه وسلم جن کي حاصل آهي. پوءِ اولي العزم پيغمبرن کي، پوءِ سڀني نبين ۽ رسولن کي مرتبو مليل آهي. نبين کان پوءِ افضل البشر حضرت ابوبڪر صديق رضہ آهي، پوءِ خلفاءِ راشدين رضہ، پوءِ اهل بدر، پوءِ اهل احد، پوءِ اهل بيعت رضوان، ان کان پوءِ جيڪي فتح مڪي کان اڳ مسلمان ٿيا، پوءِ باقي سمورا اصحابي سڀ‌ڳورا اڇي وڃن ٿا. ان کان پوءِ باقي الله جا پيارا ٻانهان ۽ صالح بندا آهن، انهن سڀني جو پنهنجو پنهنجو مقام ۽ مرتبو آهي پر ڪوبہ الله تعاليٰ جي ذات سان برابري نٿو ڪري سگهي، جل جلاله يا جل شانه فقط رب جو خاصو آهي. ڪنهن نبي لاءِ بہ نہ آهي، اهو چوڻ شرڪ ليکيو ويندو.

الله تعاليٰ قرآن مجيد ۾ هڪ مقام تي 18 رسولن ۽ نبين جو ذڪر فرمايو آهي، (وَ تِلْكَ حُجَّتُنَآ کان ذٰلِكَ هُدَى اللهِ (الانعام:٨٣-٨٨) تائين، پوءِ فرمايو ويو تہ (وَلَوْ اَشْرَكُوْا لَحَبِطَ عَنْهُمْ مَّا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ) بفرض محال اهي نبي سڀ‌ڳورا بہ جيڪڏهن شرڪ ڪن تہ انهن جا بہ عمل چٽ ٿي ويندا. شرڪ اهڙي مصيبت ۽ خدا جي نارضگي جو سبب آهي. مشرڪ ڪرڻ وارو الله تي اعتماد ۽ ڀروسو نٿو ڪري، هن کي دل ۾ هميشہ ڪٽڪو رهي ٿو تہ جيڪر هن وڻ وٽ وڃان ۽ ان کي ڌاڳو ٻڌي اچان تہ ڪم ٿي ويندو. هن قبر تي وڃان پڙ چاڙهي اچان تہ شفا ٿي ويندي، هن جهنڊي جي سلامي ڪريان تہ مصيبت ٽري ويندي. اهي وهم پيو ڪندو ۽ دل هڪ الله تي اطمينان نہ ڪندي، اهڙو شرڪ پليت خدا کان بدگمان رهي ٿو تہ هو منهنجو والي وارث نہ آهي، هو منهنجا ڪم نہ ڪندو جيستائين ڪنهن ولي، بزرگ ۽ قبر تي وڃي، انهن کي نہ سڏيان ۽ انهن کان سفارش نہ ڪرايان. ولي ۽ بزرگ هدايت ڪرڻ لاءِ آهي ان وٽ وڃجي تہ ان کان هدايت جو رستو پڇجي باقي انهن جي هٿ ۾ ڪک بہ ڪونهي جو ماڻهن کي نفعو ۽ نقصان پهچائين هو پنهنجي ذات لاءِ بہ نفعي ۽ نقصان جا مالڪ نہ آهن تہ ٻين لاءِ ڇا ٿيندا. (تحفة السالڪين صفحو 420)

⟺

”حضرت تاج محمود امروٽي رحمة الله عليه لاءِ اهو مشهور آهي جو پاڻ فرمائيندا هئا تہ اسان جيڪو ڏُڏ ولوڙيو، ان جو مکڻ حماد الله کڻي ويو.“

(بحوالہ مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي، سہ ماهي مهراڻ)

ايڊيٽوريل

چيف ايڊيٽر

# امت مسلمه جو فرض منصبي

هزارين سال اڳ سيدنا ابراهيم عليه السلام ۽ سندس فرزند سيدنا اسماعيل عليه السلام جن مڪي جي هڪ واديءَ ۾ الله تعاليٰ جي حڪم سان ڪعبة الله جي تعمير ڪئي پوءِ ٻنهن گڏجي بارگاه ايزدي ۾ دعا گهري ته، "اي اسان جا پروردگار! اسان کي پنهنجو فرمان بردار بڻاءِ ۽ اسان جي اولاد ۾ اهڙو هڪ گروه (ملت) پيدا فرماءِ جيڪو گروهہ تنهنجو فرمانبردار هجي." (آيت البقره 128) ۽ اها به دعا گهريائون ته، "اي پروردگار اسان جي اولاد ۾ اهڪ اهڙو رسول مبعوث فرماءِ جيڪو انهن مان هجي اهو امت مسلمہ تيار ڪري، انهن جي سکيا ڪري، انهن کي ڪتاب ۽ حڪمت جي تعليم عطا ڪري." (آيت البقره 129)

سيدنا مسيح عليه السلام جي ولادت ۽ رفع کان ساڍا پنج سو سال پوءِ ابراهيم عليه السلام جي اولاد مان مڪي ۾ هڪ نور جي لاٽ اپري، سيدنا محمد۔ احمد ﷺ جي صورت ۾ هڪ پاڪباز انسان دنيا ۾ تشريف فرما ٿيو جيڪو آخري پيغمبر هيو ۽ مٿس آخري ڪتاب وحي الاهي جي شڪل ۾ نازل ٿيو ۽ هن "امت مسلمہ" (فرمانبردار گروه) تيار ڪئي قرآن مجيد ۾ انهيءَ اُمت مسلمہ کي "كُنْتُمْ خَيْرَ اُمَّةٍ" ۽ "جَعَلْنٰكُمْ اُمَّةً وَّسَطًا" جي نالي سان به ياد ڪيو ويو آهي.

هن امت جي منصبي فرائض ۾، توحيد خالص کي اعليٰ مدارج تي پهچائڻ، انسان ذات تائين خداپرستي جو پيغام رسائڻ، بت پرستي ۽ مخلوق پرستي جي هر شڪل کي ميٽائڻ، معروف ۽ منڪر کي چٽو ڪرڻ، اعتدال ۽ وچٽرائي کي قائم ڪرڻ، سرڪشي، بغاوت، نافرماني ۽ خدا فراموشي کي نابود ڪرڻ، عدل ۽ انصاف جي نظام کي قائم ڪرڻ، طبقاتي ۽ انساني غلاميءَ وارن معاشرن کي پائمال ڪرڻ ۽ فقط هڪ معبود برحق جي عبادت ۽ بندگي جو نظام قائم ڪرڻ، بنيادي اصولن جي حيثيت رکن ٿا.

پيغمبر اسلام ﷺ جن فرائض نبوت جي پوري ڪرڻ لاءِ هڪ پاڪباز ۽ خدا پرست جماعت تيار ڪئي. انهن جي قرآن مجيد جي تعليم ۽ حڪمت (دانائي جي ڳالهين) جي ذريعي تزڪيو ۽ تربيت ڪئي وئي. انهن عظيم انسانن تي ظلم ۽ ڏاڍ جا پهاڙ ڪيرايا ويا. توحيد جي قيام ۽ ظالمن جي فساد کي ميٽائڻ لاءِ هنن جنهن مشن جو آغاز ڪيو هيو هو ان تي اهڙا ثابت قدم رهيا جو ملائڪ



به انهن جي ثابت قدمي تي رشڪ ڪرڻ لڳا. ۽ ربّ ذوالجلال انهن جي ايمان ۽ تقويٰ جي مدح ۽ توصيف فرمائي. "مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللهِ وَالَّذِيْنَ مَعَهٗ" اها مقدس جماعت، مڪي جي دور جي سختين، حبشہ جي هجرت، مديني جي هجرت، بدر، احد، خندق، حديبيہ ۽ خيبر جي عظيم امتحانن مان گذرندي پاڻ کي سچ پچ "امت مسلمہ" (فرمانبردار گروه) ثابت ڪيو ۽ الله تعاليٰ جي طرفان "رضي الله عنهم ورضوا عنه" جي سعادت ۽ نيڪ بختي جا اهل بڻيا.

جزيرة العرب ۾ سرڪار رسالت مآب ﷺ جي حيات مبارڪ ۾ اسلام سياسي طرح هڪ غالب دين بڻجي ويو ۽ پوءِ خلافت راشده جي زماني ۾ قيصر ۽ ڪسريٰ جون طاغوتي رياستون پائمال ٿيون ۽ اتي عدل پريا معاشرا وجود ۾ آيا. بعد ۾ "امت مسلمہ" فرائض منصبي ۾ ڪوتاهي جو شڪار ٿي. ان ۾ حڪمرانن جي بدعملي اهم سبب هيو ۽ پوءِ اهو مرض وڌندو ويو. تان ته قرآن مجيد جي علم ۽ فڪر کان پري ٿيندا ويا. اجتماعيت، جهاد ۽ اجتهاد کان منهن موڙي ڇڏيائون. فڪري افلاس، عملي منافقت، تقليد آباء پرستي حڪمرانن جي اطاعت ۽ خوشنودي جهڙين بيمارين امت مسلمہ کي نهوڙي ڇڏيو هنن مان توحيد جي قوت، ايمان جي طاقت، ۽ الله سبحانہ وتعاليٰ سان هر وقت مربوط رهڻ وارو رشتو ڪمزور ٿيندو ويو. نوبت ان حدتائين پهتي جو مشرڪ قومون هنن تي سياسي غلبو حاصل ڪري هنن کي پنهنجو غلام بڻائي ڇڏيو. هڪ مسلمان ڪنهن جو غلام ٿي سگهي ٿو يا ڪنهن ڪافر حڪمران جو غلام بڻجي سگهي ٿو؟ مسلمان يا ته آزاد هوندو يا آزادي جي جدوجهد ۾ مصروف هوندو مگر غلامي تي قناعت نٿو ڪري سگهي. اهو ته الميو هوندو ته مسلمان غلام رهڻ لاءِ حيلا ۽ بهانا تلاش ڪندو رهيو هاڻي صورتحال اها آهي ته امت مسلمہ (خدا جو فرمانبردار گروه) ڪافرن جي غلامي ۾ نہ صرف قائل آهي بلڪ سندس حڪمران ٽولو ان غلامي تي فخر ڪندو رهي ٿو.

اسان گهڻي وقت کان وٺي پنهنجو منصبي فرض ڇڏي ڏنو آهي، اسان عام طرح پنهنجي نصب العين کان هٽي چڪا آهيون، اسان جهاد ۽ اجتهاد کان پاسيرا ٿي ويا آهيون، اسان حامل قرآن نه رهيا آهيون، اسان قرآن ۾ غور ۽ فڪر ڪرڻ ڇڏي چڪا آهيون. هن امت جي بقا، سلامتي ۽ نجات قرآن مجيد سان وابستہ آهي اچو ته گڏجي قرآن مجيد جي هدايت تي اتفاق ڪريون ۽ فرقا ۽ ٽولا مٽائي ڇڏيون، انتشار کي وحدت ۾ تبديل ڪريون، ظلم ۽ طاغوت جا طرفدار نه بڻجون، دنيا خاطر دين جو سودو نہ ڪريون، حسد، انانيت ۽ دنياپرستي جا جيوڙا ماري ڇڏيون. خدا پرست بڻجي اقوام کي بيدار ڪري "امت مسلمہ" جي جهنڊي کي بلند ڪيون، نجات جو رستو اهو آهي ۽ ڪاميابي جو به اهوئي.

محمد سليمان طاهر انڊڙ

# دين جو روح- حقوق العباد جي ادائگي

دنيا ۾ جيڪو بہ خدا تعاليٰ جو پيغمبر آيو ان انسانن کي اهو پيغام ڏنو تہ اي انسانو! خدا پرست بڻجو، خدا جي مخلوق جي خدمت ڪريو. انهن جي ڏکن ۽ اهنجن کي هٽايو. انهن سان همدردي ۽ شفقت وارو رشتو قائم ڪريو. اها ڳالهہ سيني مذهبن ۽ مصلحين جي گڏيل ڳالهہ رهي آهي. پر اُمتون ٽولا ٽولا ٿي جدا ٿي ويون. انهن ڀلائي جي ڳالهہ کي ميڙڻ ۽ ان تي هلڻ جي بجاءِ انهن نبين سڳورن جا بت ٺاهي انهن جي پوڄا ڪرڻ لڳا. ۽ مذهبن جي بنياد تي جنگيون ۽ لڙايون ڪندا رهيا. پيغمبرن کي ميجيائون پر ان جي تعليم کان انڪار ڪيائون. حضرت عيسيٰ دنيا جو بادشاه نہ بڻيو هو جو غريب ۽ امير جي ورهاست ٿي وڃي. هو تہ بيوس ۽ لاچار ماڻهن جي مدد ڪندي هن دنيا مان رخصت ڪري ويو پر مسيح جي نالي تي ماڻهو اٿيا ۽ انهن ڪمزور ماڻهن کي ڦاسين تي لٽڪايو. گوتم ٻڌ، غريبن ۾ شامل ٿيڻ لاءِ تاج ۽ تخت ڇڏيو. امن ۽ سلامتي جو پيغام ڏنو، خدمت خلق کي ڇوٽڪاري جو ذريعو ٻڌايو مگر سندس پيروڪار لاڳيتو انسانيت آزاري ۾ رڌل رهن ٿا. ڪرشن محبت جي بانسري وڄائيندو رهيو، غريبن سان گڏ کائيندو رهندو هو مگر دنيا وارن غريبن جي پرگهور نہ لڌي. حضرت آدم عليہ السلام فرمايو تہ اي اولاد آدم! اي منهن جي نسل مان پيدا ٿيندڙ انسانو! مان مساوات انساني تي رشتو قائم ڪيو مگر توهان نسل ۽ خون جي فرق تي جدائيون قائم ڪري ورتيون ۽ بادشاهي جا تاج مٿي تي رکيا. پاڙي وارو بک مرندو رهيو ۽ پاڻ بيپ پريندا رهيا. اوهان هر مصلح جي مخالفت ڪندا رهيا مگر قيامت ڏينهن شفاعت جي اميد بہ انهن مان رکندا ٿا اچو. ڪيڏي منافقت ۽ ڪيترو پاڻ سان دوکو! ڪائنات جي پيدا ڪندڙ جو قسم تہ جيڪو شخص ٻانهن تي رحم نٿو ڪري، مخلوق سان ناانصافي ڪري ٿو ان تي فيصلي واري ڏينهن هرگز رحم نہ ڪيو ويندو. جيڪو دنيا ۾ مخلوق جا حق ادا نٿو ڪري ان کي ڪوبہ بدلو نہ ڏنو ويندو. هيءَ تقويٰ ڇا آهي فقط ماڻهن جي خدمت ۽ خدا سان سرڪشي ۽ بغاوت کان رڪجي وڃڻ. انسانو! انصاف ۽ رحم ڪرڻ سکو. اهو انصاف نہ آهي تہ توهان دسترخوان تي پيٽ ڀريو ۽ غريب هڪ گرهہ لاءِ سڪندو وتي ۽ اُس ۾ سڙندو رهي ۽ سردي ۾ ڏڪندو رهي. امير قيمتي لباس ڍڪي، سواري تي چڙهي اڏرندو وڃي ۽ غريب حيرت ۽ عجب سان ڏسي پنهنجي غربت جو ماتم ڪندو رهي. دولتمند جڏهن ڪنهن محتاج کي ڪجهہ ڏئي ٿو تہ وڏائي سان ڦونڊجي وڃي ٿو تہ هن ڪا وڏي نيڪي ڪئي آهي. حالانڪ هن جو عمل ان لٽيري جهڙو آهي جنهن ڦريائين



رن زال ۽ يتيم کي لٽيو هجي پوءِ ان لٽ ڦر مان هڪ سيڪڙو واپس ڪري آکڙجي وڃي تہ مان نيڪ انسان آهيان ۽ نيڪي ڪئي اٿم. ڪجهہ ماڻهو جيڪي وڏا دولتمند ٿي ويندا آهن انهن گهٽڻ جي وسيلن جي لٽ ڦر ڪري قبضو ڪيو آهي، هي دنيا جي زمين سموري مخلوق لاءِ برابر جي ملڪيت آهي. ان ۾ هوشيار، چالاڪ ۽ عيار ماڻهو پنهنجي حق کان وڌيڪ حصو حاصل ڪري ڦٻايون ويٺا آهن. اهي فريبي ماڻهو سمجهن ٿا تہ اسان هنر سان ڪمايو آهي ائين ناهي هنن ڏاڍ ۽ ظلم سان غريبن جي ملڪيت ۽ انهن جي جائز حقن تي ڏاڙا هنيا آهن. انهن کي ان لٽ ڦر جي سزا سخت عذاب جي شڪل ۾ ملندي. سواءِ انهن ماڻهن جي جيڪي پڇتاءَ ڪري پنهنجي ملڪيت کي فلاح انسانيت لاءِ وقف ڪري ڇڏين، ۽ غريبن جي مفاد لاءِ دولت کي ورهائي ڇڏين. انهن جي شايد نجات ٿي وڃي.

انسانو! سمجهي ڇڏيو تہ دين جو روح، خدمت خلق، انسانن سان رحم، شفقت، نرم رويو ۽ خالص خداپرستي آهي. فقط نمازن ۽ وظيفن تي زور ۽ رياڪاري واريون رسمون ادا ڪرڻ سان الله تعاليٰ راضي نٿو ٿي سگهي. حقوق العباد کي اڳرائي ڏيو. انسانن، حيوانن، جانورن ۽ ساهہ واري مخلوق تي رحم ڪرڻ سان شايد جنت جا وڌيڪ حقدار ٿي ويندؤ انهن عبادتن کان جيڪي رياڪاري سان ادا ڪيون وڃن.

فَوَيْلٌ لِّلْمُصَلِّيْنَ ۝٤ الَّذِيْنَ هُمْ عَنْ صَلَاتِهِمْ سَاهُوْنَ ۝٥ الَّذِيْنَ هُمْ يُرَآءُوْنَ ۝٦

(سوره الماعون-۴-٦)

نمازون ۽ روزا انسان سازي لاءِ سينگار آهن، تربيت جو ذريعو آهن ۽ بارگاه ايزدي ۾ قرب جو وسيلو آهن. مگر اها نماز جيڪا ابوبڪر صديق رضہ پڙهي ۽ پوءِ پورو مال خدا جي راهہ ۾ لٽائي ڇڏيو ۽ خلافت جي دور ۾ جيڪو وظيفو ورتائين اهو سمورو بيت المال ۾ جمع ڪرائي ڇڏيائين. پوري زندگي بک ۽ ڏک ۾ گذارڻ کي ترجيح ڏنائين. عمر فاروق رضہ جنهن نماز پڙهي، پٺي تي اناج کڻي بي سهارا ماڻهن جي پرگهور لڌي. سندس گهريلو زندگي خوراڪ ۽ لباس رعيت جي عام ماڻهن کان بہ هيٺين سطح تي هوندو هيو. حضرت علي رضہ جيڪو نماز پڙهي، پوءِ مزدوري ڪري گهر آڻڻ جي بجاءِ مسڪينن ۾ ورهائيندو هو. عثمان ذي النورين رضہ جنهن تجارت جو سمورو اناج مسڪينن ۾ ورهائي ڇڏيو ۽ تبوڪ جي موقعي تي سمورو مال لٽائي ڇڏيائين. انهن پاڪباز انسانن جون نمازون ۽ روزا ۽ عبادتون، انفاق في سبيل الله ۽ انسانن جي خدمت ۾ رڪاوٽ نہ وجهنديون هيون.

انسان جي تقويٰ اها آهي تہ دولت خوب ڪمائي پر پنهنجي گهر ۾ هڪ عام غريب کان وڌيڪ خرچ نہ ڪري ۽ سمورو مال مخلوق تي لٽائيندو رهي، سمورا پيغمبر ۽ اولياءَ الله نہ دولتمند هئا نہ ئي زڪواة ڏيندڙ بلڪ دولت کي ورهائيندڙ هئا. "الَّذِىْ جَمَعَ مَالًا وَّعَدَّدَهٗ" وارو شخص عذاب الاهي کان بچي نٿو سگهي.

**

مولانا ابوالڪلام آزاد
سنڌيڪار عبدالجبار عبد

# اسلام ۾ توحيد

ان کان پهريائين، جڏهن هيءَ دنيا اسلام جي نور سان منور ٿي، ان وقت انسان جو ڪهڙو حال هيو؟ اهو انسان دنيا جي ذري ذري کي خدا سمجهندو هو. جهنگ جو هر وڏو وڻ سندس خدا هو. ڌرتيءَ جو هر خوفناڪ جانور سندس خدا هو. پهاڙن (جبلن) جو هر منفرد پٿر سندس خدا هو. انسان نانگ کي پوڄيندو هو، جو نانگ ديوتا هو. نديءَ (درياءَ) کي پوڄيندو هو جو ندي ديوي هئي. هو پهاڙ کي پوڄيندو هو جو شايد اهو ديوتائن جو مسڪن (ٺڪاڻو) هو. باهہ کي پوڄيندو هو، جو اها اگني ديوي هئي ۽ شايد خدا جو مظهر هئي. هو عام ستارن کي پوڄيندو هو جو اهي جهان جا حڪمران هيا. سج ۽ چنڊ جي پوڄا ڪندو هو جو اهي نور اڪبر هئا. حيوانن کي پوڄيندو هو، جو انهن ۾ انسان کان وڌيڪ طاقت هئي. هو انسانن جي پوڄا ڪندو هو جو اهي خدا جا اوتار هئا. هندستان جيڪو علوم، رياضي جو سرچشمو هيو مگر پٿرن ۽ مورتين جو غلام هو. يونان جيڪو علوم عقلية جو مرڪز هو مگر قسمين قسمين ديوتائن جو مسڪن هو مصر ۽ بابل جيڪي علم هيئت ۽ فن تعمير جا سڀ کان پهريان گهواره هئا، مگر ستارن جي هيڪل سان آباد هئا. جڏهن دنيا ايتري تاريڪيءَ ۾ گهيريل هئي تڏهن ڌرتيءَ جي مٿان ”مسلم اول“ جو ظهور ٿيو.

ان نرالي انسان رات جو جڏهن ستارن کي ڏٺو تہ چوڻ لڳو تہ اهي منهنجا خدا آهن ۽ جڏهن ستارا گم ٿي ويا، تہ هن چيو تہ آءٌ لڪي وڃڻ وارن کي خدائيءَ جي لاءِ پسند نٿو ڪريان. پوءِ چنڊ نظر آيو تہ چيائين، شايد هيءُ منهنجو خدا هجي؟ ۽ جڏهن اهو بہ ٻڏي ويو تہ چيائين انهيءَ کي بہ زوال آهي. زوالجندڙ شيءِ خدا ٿڻجي نٿي سگهي. منهنجو سچو خدا مون کي هدايت نہ ڪري ها تہ يقيناً آءٌ گمراهہ ٿي وڃان ها. وري ڏينهن جو جڏهن چمڪندڙ سج نظر آيو تہ هن چيو تہ هي منهنجو رب آهي، جو اهو سڀني کان وڏو آهي. پوءِ جڏهن اهو بہ غائب ٿي ويو تہ هن پنهنجي قوم کي مخاطب ڪيو تہ ”انسانو! آءٌ انهن سڀني زوالجندڙ هستين کان بيزار آهيان جن کي اوهان خدا جو شريڪ بنايو ٿا. مان سڀني ڪوڙن معبودن کان منهن ڦيري ان سچي خدا جي طرف رخ ڪريان ٿو جنهن سڀني شين، آسمانن ۽ زمين کي پيدا ڪيو مان پنهنجي خدا جو ڪنهن کي شريڪ نٿو بڻايان.



اسلام انساني حقيقت جي چهري تان پردو هٽايو ۽ ٻڌايو تہ ”اي انسان! تون مخلوقات جو ٻانهو نہ پر مخلوقات جو آقا آهين. تون انهن مخلوقات جي لاءِ نہ پيدا ڪيو ويو آهين، پر اها تولاءِ پيدا ڪئي وئي آهي. تون مخلوقات ۾ اشرف آهين. تنهنجي ذات مڙني هستين کان بلند آهي. تون صرف مخلوقات جي خالق جو ٻانهو آهين ۽ تون ساري مخلوقات جو آقا آهين، پوءِ تون جن جو آقا آهين، حيف اٿئي جو انهن کي پنهنجو خدا بڻائين ۽ سندن اڳيان غلامي جو ڪنڌ نوائين.

”اسان انسان کي عزت ۽ بزرگي بخشي، ان کي خشڪي ۽ پاڻيءَ ۾ سواري ڏني، سنيون شيون روزي ڪيون سون ۽ پنهنجي اڪثر مخلوقات مٿان ڪامل فضيلت عطا ڪئي.“ (قرآن حڪيم)

”چا اي انسان! ساري دنيا تنهنجي ئي لاءِ ٺهي آهي، تون ان جي پرستش نہ ڪر، ”چا تون نٿو ڏسين تہ خدا، جيڪي ڪجهہ زمين ۾ آهي تنهنجي لاءِ مسخر ڪري ڇڏيو آهي. “(قرآن حڪيم)

”آسمان ۽ زمين جون سڀ شيون تنهنجي ئي لاءِ آهن، تون انهن جي لاءِ نہ آهين، پوءِ تون انهن کي خدا نہ ڄاڻ، ڇا توهان نٿا ڏسو تہ آسمان ۽ زمين جون سڀ شيون خدا توهان جي لاءِ مسخر ڪيون آهن.“ (قرآن حڪيم)

”توهان درياءَ کي ديوي نہ چئو هو تہ توهان جي ضرورتن جو هڪ خزانو آهي، توهان جي لاءِ سمنڊ کي مسخر ڪري ڇڏيو تہ ان ۾ خدا جي حڪم سان ٻيڙيون هلن ۽ پنهنجي رزق کي تلاش ڪريو.“ (قرآن حڪيم)

”خدا ئي اها ذات اقدس آهي، جنهن سمنڊ کي مسخر ڪيو تہ جيئن توهان ان مان تازو گوشت کائو ۽ ان مان پنهنجي زيب ۽ زينت جون شيون ڪيو. ان ۾ توهان ڏسو ٿا تہ ٻيڙيون پاڻيءَ کي چيرينديون هلن ٿيون تہ جيئن ان سان خدا جي برڪت تلاش ڪريو ۽ ان جو شڪر ادا ڪريو.“ (قرآن حڪيم)

”تون حيوانن کي ديوتا نہ سمجهہ جو اهي تنهنجي ئي فائدي جي لاءِ خلقيا ويا آهن. ٻيڙي ۽ جانور توهان جي لاءِ پيدا ڪيا تہ جيئن توهان انهن جي پٺيءَ تي سڌا سوار ٿيو پوءِ پنهنجي خدا جي احسان کي ياد ڪريو ۽ چئو تہ پاڪ آهي اها ذات جنهن اسان جي لاءِ مخلوقات کي مسخر ڪري ڇڏيو. اسان پنهنجي قوت سان انهن کي مسخر نہ ڪري سگهون ها.“ (قرآن حڪيم)

باهہ ديوي نہ آهي اها تہ تنهنجي لاءِ ئي پيدا ٿي آهي.

”خدا اهو آهي جنهن سائي ڪاٺيءَ مان توهان جي لاءِ باهہ پيدا ڪئي.“ (قرآن حڪيم)

”پهاڙ ديوتائن جو مسڪن ڪيئن ٿي سگهي ٿو؟ اهو تہ خود انسان جي تابع آهي ۽ خدا جو فرمانبردار آهي. اسان دائود نبيءَ جي لاءِ پهاڙن کي مسخر ڪري

ڇڏيو جو صبح شام خدا جي تسبيح ڪري“ (قرآن حڪيم)

سج، چنڊ ۽ ٻيا ستارا، اي انسان! تنهنجا خدا ناهن. خدا انهن جو آقا آهي ان ڪري تون انهن کي سجدو نہ ڪر.

”توهان جي لاءِ سج ۽ چنڊ کي مسخر ڪري ڇڏيو جو حرڪت ڪن ٿا ۽ اهڙي طرح رات ۽ ڏينهن ۽ انهن جي خواصن ۽ اثرن کي بہ توهان جي تابع ڪري ڇڏيو.“ (قرآن حڪيم)

رات، ڏينهن، سج، چنڊ سڀني کي توهان جي تابع ڪري ڇڏيو ڇاڪاڻ تہ سڀئي ستارا خدا جي تابع آهن.

غور ڪريو! هڪ ”مشرڪ“ ۽ هڪ ”مسلم“ جي زندگيءَ ۾ ڪيترو فرق آهي؟ مشرڪ پٿرن کان ڊڃي ٿو تہ اهي خدا آهن. ستارن کان ڊڃي ٿو تہ اهي خدا آهن، پراڻين ۽ زبون قبرن جي سرن کان ڊڃي ٿو. هڪ مشرڪ پاڻ کي دنيا جي هر شيءِ کان ڪمزور ۽ حقير سمجهي ٿو. مگر هڪ مسلمان جو عقيدو آهي تہ ”فاطر السموات والارض“ هڪ ذات کان سواءِ دنيا ۾ ڪوئي وجود ناهي، جنهن کان ڊپ ڪيو وڃي، ڇاڪاڻ تہ هر گهڙي ان جي ڪن ۾ هي آواز ايندو رهي ٿو: ”اِنَّ الْعِزَّةَ لِلّٰهِ وَلِرَسُوْلِهٖ وَلِلْمُؤْمِنِيْنَ“ عزت فقط خدا جي لاءِ، ان جي رسول جي لاءِ ۽ مسلمانن جي لاءِ آهي. اي مشرڪ انسان! تون ڇا لاءِ خدا کان سواءِ ٻين جي طرف هٿ ڦهلائين ٿو؟ ڇا تون انهن ۾ ڪن کان بهتر ۽ ڪن جي برابر نہ آهين؟

اي مشرڪ انسان! تون ڇا لاءِ خدا کان سواءِ ٻين کان ڊڃين ٿو؟ ڇا اهي بہ تون وانگر خدا جي مخلوق نہ آهن؟ اي مشرڪ انسان! تون ڪهڙن کان حاجت پوري ڪرڻ جي درخواست ٿو ڪرين؟ ڇا اهي خود خدا جا محتاج نہ آهن؟ پوءِ هڪ ئي آهي جنهن جي طرف هٿ ڦهلائڻو آهي. هڪ ئي آهي جنهن کان ڊڃڻو آهي. هڪ ئي آهي جنهن جي اڳيان جهڪڻو آهي. هڪ ئي آهي جنهن کي ٻاڏائڻو آهي. هڪ ئي آهي جنهن کي پاڻ کان بالاتر سمجهڻو آهي ۽ ها هڪ ئي آهي جنهن کي حاجت پوري ڪرڻ جي درخواست ڪرڻي آهي.

”جيڪڏهن خدا مون کي مصيبت پهچائڻ گهري تہ ڇا توهان جا معبود جن کي توهان پڪاريو ٿا، ان مصيبت کي دور ڪري سگهندا. جيڪڏهن پنهنجي رحمت منهنجي مٿان نازل ڪرڻ چاهي تہ ڇا اهي روڪي سگهن ٿا؟ ها چئو تہ خدا جوئي رشتو ڪفايت ڪري ٿو ڀروسو ڪرڻ وارا فقط ان جي ذات تي ڀروسو ڪن ٿا“ (قرآن حڪيم)

پوءِ جو مسلمان آهي، اهو خوددار آهي، ڇاڪاڻ تہ خدا جي بندن ۾ ان جو ڪو ثاني ڪونهي، پوءِ ڪنهن کان هو پنهنجي ذات کي حقير سمجهي ۽ ان جي اڳيان جهڪي؟ ان فقط هڪڙي ئي کان پنهنجي ذات کي حقير سمجهيو ۽



ان جي اڳيان جهڪو.

جيڪو مسلمان آهي اهو آزاد آهي، ڇاڪاڻ تہ مخلوقات ۾ ڪير وڏو آهي جنهن کان ڊڃي، هن هڪڙي کي ئي وڏو سمجهيو ۽ ان کان ئي ڊنو.

مسلمان خدا کان سواءِ ڪنهن کان ڇو نٿو ڊڃي؟ ان ڪري تہ هو دل سان اعتقاد رکي ٿو خدا کان سواءِ نفعو ۽ نقصان ڪنهن جي هٿ ۾ نہ آهي. دنيا جي هر قدرت ۽ قوت جو مالڪ اهوئي آهي. ان کان سواءِ ڪنهن ۾ قوت ۽ قدرت نہ آهي. لڪل دعائن جي ٻڌڻ وارو اڪيلو اهوئي آهي. دنيا جي مڙني قوتن جي بادشاهي فقط ان جي دست قدرت ۾ آهي. موت ۽ زندگيءَ جي بخشش ۽ نفعو ۽ نقصان انهيءَ جوئي ڪم آهي.

اسان وانگر دنيا جو ذرو ذرو فقط انهيءَ جو محتاج آهي، پر هو ڪنهن جو بہ محتاج نہ آهي. پوءِ ڪهڙي طرح ممڪن آهي تہ وقتي سختين، مصيبتن ۽ خطرن جو ڪارو ديو مسلمان کي خوف زده ڪري سگهي، جنهن جو قلب مطمئن ۽ خدا کان سواءِ ڪنهن کان بہ ڊڃندو نہ آهي. ۽ ڪهڙي طرح ممڪن آهي جو خوف ۽ ڊپ مومن جي ان دل مٿان قبضو ڪري سگهي، جيڪا خدا کان سواءِ ڪنهن جي قبضي ۾ نہ آهي. ۽ ها ڪهڙي طرح ممڪن آهي جو متڪبرن جو تعلق ۽ عظمت، جابر ۽ ظالم جو قهر ۽ غضب، سپاهين جي تيغ و تلوار ۽ فرعونن جو جاهہ و جلال ان انسان کي مرعوب ڪري سگهي جنهن جي نظر ۾ اهي سمورا ڊپڊٻا هڪ بيڪار هٿ ۽ معطل ڪيل عضوي کان وڌيڪ نہ آهن. پوءِ جنهن جي اها حقيقت آهي، ڪهڙي طرح ممڪن آهي تہ اهو مصيبتن ۽ خطرن کان خوف کائي حق جي نصرت کان باز اچي وڃي؟ ۽ ان جي دل صحيح راهہ ۽ سچائيءَ جي سختين کي ڏسي ڪري لرزي وڃي! ان جي زبان حق چوڻ کان خاموش رهي! ان جا قدم صداقت جي رستي کان متزلزل ٿي وڃن! ڇاڪاڻ تہ مسلمان جي حقيقت اها آهي تہ هو خدا کان سواءِ دنيا ۾ ڪنهن کان نٿو ڊڃي، پنهنجي نفعي ۽ نقصان جي واڳ ان کان سواءِ ڪنهن جي هٿ ۾ نٿو ڏسي.

پوءِ ڇا اهو سچ نہ آهي تہ مسلمان فطري طورتي خوددار آهي، جيڪو اڪثر مخلوقات کان برتر ۽ ڪن جي برابر آهي، ڇا اهو صحيح نہ آهي تہ مسلمان فطري طورتي آزاد ۽ حر آهي، جو خالق کان سواءِ هو ڪنهن مخلوق کان نٿو ڊڃي، ڇاڪاڻ تہ طاقتن جو مقام ۽ قدرتن جو مرڪز ان جي نظر ۾ هڪڙو ئي آهي.

”جيڪڏهن هو نقصان پهچائڻ گهري تہ ڪوئي ان کي ٽارڻ وارو ناهي. ۽ جيڪڏهن نيڪي ۽ برڪت ڏيڻ چاهي تہ هر هر ڳالهہ تي قادر آهي هو بندن مٿان غالب آهي، هو هر نڪتہ کان آگاهہ آهي ۽ هر خبر کان واقف آهي.“ (قرآن حڪيم)

**

مولانا عبداللطيف نانگراج

# اسلام ۽ ٻين مذهبن جي حقيقي تعليم کي فراموش ڪرڻ جا نتيجا

يورپ جي فڪري، تهذيبي ۽ تمدني يلغار جي ڪري اڄ جي دور ۾ مذهب جي باري ۾ هي غلط خيال ۽ تصور پنهنجون پاڙون مضبوط ڪري رهيو آهي ته مذهب جو انسان جي سماجي زندگيءَ سان ڪوبہ تعلق نہ آهي. مذهب انسان جو ذاتي مسئلو ۽ شخصي رجحان آهي. جنهن جو معاشري جي تعمير ۽ سنوارڻ سان ڪوبہ واسطو نہ آهي. هن تصور سان مذهب جي باري ۾ عام لاپرواهي ۽ لاغرضي پکڙجي پئي وڃي ۽ عام طرح اهو سمجهيو پيو وڃي تہ مذهبي تعليمات تي عمل ڪرڻ يا نہ ڪرڻ برابر آهي.

مذهب جي باري ۾ هڪ رويو تہ اهوئي آهي تہ ان جو بلڪل انڪار ڪري ڇڏجي (يعني مذهب انساني ذهن جي پيداوار آهي، ڪو خدائي قانون نہ آهي.) جيئن يورپ وارن جي پروپئگنڊا آهي.

ٻيو رويو انهن مذهبي پوئلڳن جو آهي جيڪي مذهب جو عقيدو تہ رکن ٿا، ان کي الله جي بي انتها نور جي روشني بہ قرار ڏين ٿا ۽ مذهب کي انسانذات جي طبعي تقاضا بہ تسليم ڪن ٿا، پر ان جي روح کي پوئتي ڪري ظاهر پرستيءَ ۾ محو ٿي وڃن ٿا. يعني ان جي حقيقي تعليمات کي نظرانداز ڪري ڇڏن ٿا.

حقيقت ۾ هيءَ هڪ ئي سڪي جا بہ پاسا آهن، ٻنهي روين جو نتيجو هڪ ئي آهي. قرآن شريف چٽي طرح بيان ڪري ڇڏيو آهي تہ مذهب جي اصل تعليمات جو انڪار يا ان کان لاپرواهي ڪرڻ جي ڪري انسان جي زندگيءَ تي تمام وڏو اثر ٿئي ٿو.

سورة نور جي آيت نمبر 39 ۾ فرمايو ويو آهي تہ، ”حق کان ڦٽڪيل ماڻهن جا عمل انهيءَ رڃ وانگر آهن جا ڪنهن وارياسي بيابان ۾ هوندي آهي، اڃايل ماڻهو ان رڃ کي پاڻي ٿو سمجهي (۽ ان ڏي ڊوڙندو ٿو وڃي) تان تہ جڏهن اتي پهچي ٿو تڏهن خبر پويس ٿي تہ هتي تہ ڪجهہ بہ نہ آهي. تان تہ اهو الاهي قضا کي پاڻ وٽ ڏسي ٿو. سو خدا سندس عملن جو حساب پوري طرح ڪري انهن جو بدلو کيس ڏئي ٿو. ۽ (يقين ڄاڻو تہ) الله تعاليٰ حساب وٺڻ ۾ بلڪل تکو آهي.“



سورة نور جي آيت نمبر 40 ۾ آهي:

”پليل ماڻهو جڻ تہ هڪ تمام اونهي سمنڊ جي اوندهہ ۾ آهن. جنهن تي لهرن مٿان لهرون ڇانئجي ويون آهن. ۽ انهن جي مٿان وري ڪڪر آهن. يعني اوندهہ مٿان اوندهہ جا تهہ چڙهيل آهن. (ايتريقدر جو) جيڪڏهن ڪو ماڻهو پنهنجو هٿ ٻاهر ڪڍي تہ ان کي بہ ڏسي نہ سگهي. (هيءَ حقيقت آهي تہ) جنهن کي خدا (سندس جهل ۽ خودغرضي سبب) روشني نہ عطا ڪري تنهن جي لاءِ ڪابہ روشني آهي ئي ڪانہ.“

ٻيو مثال انهن ماڻهن جي لاءِ آهي جيڪي مذهب جي حقيقي تعليم کي ڇڏي رڳو ان کي چند رسمن ۾ بند ڪري ڇڏن ٿا ۽ انهن جي پوڄا پاٺ ڪري ان کي ئي سڀ ڪجهہ سمجهن ٿا.

روح کي فنا ڪري رڳو چند عبادتن ۾ دين کي بند ڪرڻ ۽ ان کي ئي سڀ ڪجهہ سمجهڻ وارن ماڻهن لاءِ جڻ مذهب هڪ سراب وانگر آهي جو ظاهر ۾ تہ اهي ان کي حقيقي مذهب سمجهندا آهن پر حقيقت ڪجهہ بہ نہ هوندي آهي ۽ اهو رويو عقيدي جي باوجود دين جو عملاً انڪار آهي. اڄ اسلام ۽ دنيا جي سمورن مذهبي پوئلڳن جو اهوئي حال آهي.

ٻيو مثال انهن ماڻهن جو آهي جيڪي مذهب کي اهميت نٿا ڏين. مذهب کي هڪ فالتو ۽ بيڪار شيءِ سمجهن ٿا ۽ ان جو انڪار ٿا ڪن، اهو رويو مغربي مفڪرن ۽ ڪميونسٽن جو آهي. انهن جو مثال اهڙن ماڻهن وانگر آهي جيڪي اهڙي جڳهہ ڦاٿل هجن جتي رڳو اونداهي ئي اونداهي هجي، جتي روشنيءَ جو نالو نشان ئي نہ هجي.

اهي مغربي مفڪر ۽ سائنسدان سمجهن ٿا تہ ايٽم بم، هائڊروجن بم ٺاهڻ ۽ تيز اڏامندڙ هوائي جهاز ۽ چنڊ تائين پهچائيندڙ شٽل گاهون ٺاهي انهن انسانذات جي لاءِ سڀ ڪجهہ ڪري ورتو آهي. حقيقت ۾ اها انهن جي ڀُل آهي. بيشڪ سائنس جي ترقيءَ پنهنجا ڇيهہ ڪري ڇڏيا آهن پر انهن سائنسي سهولتن کي نسورو فائدي وارو بنائڻ لاءِ اهو ڏانءُ ۽ فڪر ڪٿي آهي جو انسانيت کي سک ۽ سلامتي حاصل ٿئي. ان اُٿهوند جي ڪري انسانيت کي ٻن وڏين عالمگير جنگين سان گڏ مسلسل انسانن جو قتل ۽ استحصال پلئہ پيو آهي. جيڪڏهن وحدت انسانيت جي رهنمائيءَ جو اهو ڏانءُ ۽ فڪر مذهب کان حاصل ڪيو وڃي ها تہ هيڏي ساري سائنسي هوند انسانيت لاءِ وڏي فائديمند بنائي سگهجي ها.

الله تعاليٰ هن ڪائنات جي سيج کي بي شمار نشانين سان سجائي ڇڏيو آهي جنهن جي هڪ هڪ نقش مان حق تائين رسائي جي روشني حاصل ٿئي ٿي. بس رڳو مصنوعي پردن کي هٽائي دل جي اکين سان انهن جو مشاهدو ڪرڻو

آهي. پر جيڪي هيڏن ڏوڏن هوندي بہ دل جا انڌا آهن انهن کي بائيولاجي، زولاجي ۽ اهڙا ٻيا ڪوڙ مادي علم تہ نظر اچن ٿا پر الله جي معرفت کان پري ڀٽڪيل آهن. ۽ اکين جي روشني هوندي بہ حق کي نٿا سڃاڻن.

جيڪڏهن تاريخ جو صحيح تجزيو ڪيو وڃي تہ وڏن وڏن تهذيبن جي مٽجڻ جو بنيادي سبب هيءُ معلوم ٿيندو تہ اهي وحدت الوجود جي حق واري معرفت کان انڌيون هيون. هاڻي بہ يورپ جو ظاهري شان ۽ شوڪت تہ واڇڙو ۽ حيران ٿو ڪري ڇڏي، پر حقيقت ۾ يورپ تباهي ۽ بربادي ۾ جڪڙيل آهي. ٻن خطرناڪ عالمي جنگين ڪانپوءِ هر نئي سج نڪرڻ سان ننڍيون ننڍيون جنگيون ۽ اندروني فساد ظاهر ٿين ٿا ۽ هاڻي ٽين جنگ جو مانداڻ مچي چڪو آهي. اقبال لينن جي زبان سان مغرب جو صحيح نقشو چٽيو آهي.

یورپ میں بہت روشنی علم و ہنر ہے
حق یہ ہے کہ بے چشمہ حیوان ہے یہ ظلمات

مغرب هڪ طرف ترقيءَ جي ايڏي هوند ۾ آهي تہ ٻئي طرف اطمينان ۽ سلامتي جي ايڏي اڻهوند ۾ ٻڏل آهي، پر هاڻي ان جي نقش قدم تي هلندي مشرقي قومون بہ مذهب کان پري ٿينديون پيون وڃن. جنهن ڪري مشرق جو معاشرو بہ وڃي ٿو ڏينهون ڏينهن مصيبتن ۾ جڪڙبو.

ٻئي رويا هڪ ئي نتيجو پيدا ڪن ٿا. يعني تباهي ۽ بربادي، فتنو ۽ فساد. مذهب جي حقيقي تعليم (يعني الله جي معرفت، انسان دوستي، آزادي ۽ مساوات) ٻين لفظن ۾ شرڪ جي سمورن بتن کي ٽوڙي (جنهن ۾ سرمائيداري ۽ جاگيرداري بہ اچي وڃن.) توحيد جي تصور تي غير طبقاتي معاشرو قائم ڪرڻ آهي.

جيڪڏهن اها ڳالهہ اسان سمجهي نہ سگهياسين تہ اسين روشني هوندي بہ انڌا آهيون، علم هوندي بہ جاهل آهيون ۽ انقلابي پروگرام هوندي بہ اسين زوال ۽ تنزليءَ جو شڪار رهنداسين.

❁❁

جيڪو حلال آهي اهو واضح ۽ روشن آهي ۽ جيڪو حرام آهي سو بہ پڌرو ۽ چٽو آهي ۽ انهن ٻنهي جي وچ ۾ ڪجهہ شيون آهن. جيڪي شبهي ۽ گمان واريون آهن. انهن کي (يعني انهن جي شرعي حڪم کي) ڪيترا ماڻهو نٿا ڄاڻن. پوءِ جيڪو شخص شبهي وارين شين کان بہ (احتياط خاطر) پرهيز ڪري تہ ان پنهنجي دين ۽ پنهنجي آبروءَ کي بچائي ورتو. ۽ جيڪو شخص شبهي وارين شين ۾ ڪريو تہ اهو حرام جي حدن ۾ ڪريو. (صحيح بخاري، صحيح مسلم)



علامہ عبدالله منهاس

# قرآن مجيد جي اشاعت جي تاريخ

**بنو اميہ جي دور ۾:**

بنو اميہ جي حڪمرانن، پنهنجي دور ۾ قرآن مجيد جي مطالعي کي وڏي اهميت ڏني، عبدالملڪ (65هہ) کي قرآن مجيد سان وڏي چاهت هئي، هن مملڪت جي سڪي تي قرآن شريف جون آيتون اڪرايائين. قرآن جي مطالعي ۽ تفسير کي آسان ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائين، هڪ ڀيري عبدالملڪ جو پٽ اسلام جي جنگين جا واقعا هڪ ڪتاب ۾ پڙهي رهيو هو تہ عبدالملڪ ان کان ڪتاب کسي باهہ ۾ ساڙي ڇڏيو، کيس تلقين ڪيائين تہ هو فقط قرآن مجيد کي پڙهندو رهي ۽ ان ۾ غور ۽ فڪر ڪري. وليد (86هہ) توڙي جو تعميرات جو شوق رکندو هو، ان جي زماني ۾ ماڻهو پاڻ ۾ ملندا هئا تہ جاين ۽ جڳهن جون ڳالهيون ڪندا هئا تڏهن بہ هو قرآن مجيد جي حفظ ڪرڻ لاءِ ماڻهن کي آماده ڪندو هيو. حافظن کي ڪشادگي سان وظيفا ڏيندو هو، جيڪي قرآن جي حفظ ڪرڻ کان لنوائيندا هئا انهن کي سزائون ڏيندو هو. سيدنا عمر بن عبدالعزيز (99هہ)تہ قرآن مجيد جي اشاعت کي پنهنجي ايمان جو حصو قرار ڏيندو هو. ان جي دور ۾ عام طرح ماڻهن ۾ دين ۽ قرآن جون ڳالهيون ڪيون وينديون هيون، ماڻهو هڪ ٻئي کان پڇندا هئا تہ رات جو تون قرآن مجيد جي ڪيتري تلاوت ڪئي؟ تون قرآن مجيد ڪيترو ياد ڪيو آهي؟ قرآن مجيد جو ختم ڪيتري وقت ۾ ڪندو آهين؟ تون روزا ڪيترا رکندو آهين؟

**قرآن مجيد آفريقا ۾:**

قرآن مجيد جا نسخا اتر آفريقا ۾ عبدالملڪ جي دور ۾ پهتا، ان زماني ۾ بربرن عرب حملي ڪندڙن جو مقابلو شروع ڪيو پر جلد ئي هو مغلوب ٿي ويا. هنن مسلمانن جي حڪومت کي تسليم ڪيو ۽ قرآن مجيد کي پنهنجي دلين ۾ جاءِ ڏني. تاريخ ٻڌائي ٿي تہ هو اسلام جي فضيلتن ۽ مسلمانن جي گڻن کي ڏسي اسلام جا فدائي ٿيا. عرب جي عالمن ۽ فقيهن هنن کي قرآن مجيد سيکاريو ۽ الفاظ جي صحت سان گڏ کين مقصدن کان بہ آگاهہ ڪيو. انهن بربرن جي تعاون سان (92هہ) ۾ طارق بن زياد اسپين کي فتح ڪيو. قرآن مجيد جا نسخا هتان کان

پوءِ سوڊان ۽ حبشي قومن ۾ پهتا. درياءَ نائگر جي مٿين حصي جي طرف سمورن علائقن ۾ قرآن مجيد جي روشني پهتي تان تہ آفريقا جا شهر علم ۽ فضل جا مرڪز بڻجي ويا. ٽمبڪٽو شهر جيڪو 459ھ ۾ آباد ٿيو هو اهو اسلامي علمن ۽ فنن جو مرجع ٿي ويو. ابن بطوطہ چوڏهين صدي عيسوي ۾ ان ملڪ جو سفر ڪيو هيو ان لکيو هو تہ هتان جا حبشي مسلمان نماز روزي جا پابند آهن ۽ قرآن مجيد جي مطالعي جو شغف رکن ٿا. قرآن مجيد سوڊان جي اولهہ واري حصي کان ٿيندو بورنيو پهتو ان طرح سوڊان کان مصر ۽ نوبيہ جي سرحد تائين ۽ افريقا جي مرڪز تائين پهچي ٻن درياهن جو ميلاپ ڪيائين ۽ سموري آفريقا کي منور ڪري ڇڏيائين.

**قرآن مجيد يورپ ۾:**

وليد جي دور ۾ قرآن مجيد آفريقا کان نڪري يورپ ڏانهن رخ ڪيو اتر آفريقا ۾ مسلمانن جون فتوحات، خوشحالي، انصاف ۽ اخلاق جو نعمتون عطا ڪيون، موسيٰ بن نصير آفريقا جو گورنر هيو هن تعليم ۽ واپار کي ترقي ڏني، مظلوم قومن کي سهارو ڏنو ۽ اهي امن سان رهڻ لڳا. وليد جي اجازت سان طارق (92ھ) ۾ جبل الطارق تي جهنڊو جهولائي. يورپ کي اهو تحفو ڏنو جنهن جي هن کي ضرورت هئي يعني ”قرآن مجيد“ پوءِ اهو مقدس ڪتاب سيدونيہ، ڪارموران، عزطانہ، قرطبہ، الجيرس ۽ استگارگا ۾ پهتو موسيٰ پاڻ ڪتاب الاهي کڻي اشبيلہ، اميبرڊ ۽ طيطلہ کي فتح ڪندي فرانس ۾ پهتو. جيڪڏهن وليد انهن جانباز سپہ سالارن کي ان موقعي تي (فقط انانيت سبب) واپس نہ گهرائي ها تہ اڄ يورپ ۾ انجيل جي جاءِ تي قرآن مجيد جي حڪومت قائم هجي ها. قرآن مجيد هسپانيہ جي عيسائين کي ايترو متاثر ڪيو جو انهن مان گهڻا پاڻ ئي مسلمان ٿي ويا. ۽ جيڪي مسلمان نہ ٿيا تہ اهي بہ ذوق شوق سان قرآن مجيد جي تلاوت ڪندا هئا. ان زماني ۾ عيسائي نوجوانن جي ان رجحان کي ڏسندي پادرين شڪايت ڪئي تہ اسان جا نوجوان مسلمانن جي ڪتاب ڏانهن مائل ٿيندا پيا وڃن. عيسائي پنهنجي دين ۽ ڪتاب جي بجاءِ مسلمانن جي دين ۾ داخل ٿيڻ کي ترجيح ڏيڻ لڳا. عربي جون عبارتون مزي سان پڙهڻ کي معمول بڻائي ڇڏيائون. هڪ متعصب عيسائي ”الور“ بہ چوڻ لڳو تہ قرآن مجيد جي فصيح ٻولي پنهنجي اندر وڏي ڪشش رکي ٿي.

ڪجهہ عرصو ٿيو جو فلسطين ۾ عيسائين تعليمي نصاب ۾ قرآن جي تعليم لازمي ڪري ڇڏي تان تہ عيسائين جا ايندڙ نسل قرآن جي بلاغت کان محروم نہ رهن ۽ انهن ۾ عربي جي صلاحيت ۽ ملڪو پيدا ٿي.



هسپانيہ ۾ علم جي روشني وڌڻ سبب ڪي سليم فطرت ماڻهو گڏ ٿيا، جرمني جو مشهور مصلح لوٿر بہ انهن ۾ شامل هو. هن اطالي درسگاهن ۾ تعليم ورتي اتي عربي فلسفي جو درس ڏنو ويندو هو. هن قرطبہ ۽ غرناطہ جو بہ سفر ڪيو جيڪي عربي علمن جا مرڪز هئا. لوٿر جي طبيعت بائيبل کان بيزار ٿي چڪي هئي، هن کي قرآن مجيد روشن ڪري ڇڏيو هو. هو قرآن مجيد جو هڪ نسخو کڻي جرمني روانو ٿيو. هن قرآن مجيد جو جرمني ۾ ترجمو ڪيو. هي پهريون ترجمو جرمني ٻولي ۾ هيو. ترجمي جي اشاعت ۽ لوٿر جي اصلاحي ڪوشش سان ”پروٽسٽنٽ“ جي فرقي جي شروعات ٿي. ان کان پوءِ لوٿر تي ڪفر جون فتوائون لڳيون. پاپاءِ روم هن کي عيسائيت مان خارج ڪري ڇڏيو. ان عمل سبب قرآن جي اشاعت وڌڻ لڳي. هسپانيہ مان ڏهہ لک مسلمان (1410ع) ڪڍيا ويا. اهي قرآن جي اشاعت جو سبب بڻيا ۽ هر ملڪ ۾ قرآن پهتو فرانس ۾ 11 صدي عيسوي کان اڳ قرآن پهتو ۽ لاطيني زبان ۾ ترجمو ٿيو گوئٽي بہ ڊرامن جي ڪري قرآن ۽ پيغمبر جي زندگي جو مطالعو ۽ معلومات حاصل ڪئي ۽ پوءِ هو بہ اسلام کان متاثر ٿيو ۽ قرآن مجيد جي مطالعي سبب ڪثرت ازدواج جو زبردست حامي بڻيو.

## ٻڌ سڌ تي الله کي مڃڻ

اسان کي پيدا ڪندڙ نهايت سليم ۽ مجيندڙ فطرت تي پيدا ڪيو آهي. ليڪن بدقسمتي هيءَ آهي تہ اسان جنهن بہ ماحول ۾ پلئون ۽ پرورش وٺئون ٿا، اتي زندگيءَ جي جسماني اوسر وانگر پنهنجي ايماني مسئلي کي بہ ورثي ۾ وٺڻ تي اڪتفا ڪري ويهون ٿا. ذهني بلوغت تي پهچڻ جي باوجود پنهنجي تخليقي مقصدن جي حقيقت تي ڪڏهن بہ غور ويچار نٿا ڪريون ۽ نہ وري پنهنجي خلقڻهار ۽ ذري ذري تي مهربانين ۽ فياضين جا پال ۽ پلايون ڪندڙ پنهنجي رب جي معرفت ۽ سڃاڻ جو اهو رستو اختيار ڪرڻ جي جستجو ۽ تلاش ڪريون ٿا جيڪو رستو ان خلقڻهار پنهنجي ڪتاب ۾ پاڻ ٻڌايو آهي. اسان پنهنجي عارضي سُک واري مستقبل کي سنوارڻ لاءِ ڏينهن رات تلاش، جستجو ۽ جهد جا رستا اختيار ڪيون ٿا پر الله جي معرفت جي باري ۾ اهڙي چاهت، تلاش ۽ جستجوءَ جو فڪر ئي نٿا ڪريون جيڪو اسان کي پنهنجي رضا جي نتيجي ۾ دائمي نعمتن جو مستقبل عطا ڪندو.

مولانا سعيد احمد اڪبر آبادي
سنڌيڪار: مولانا عبدالسلام سومرو

# مسلمانن جو عروج ۽ زوال

اسلام جي تعليم تي غور ڪيو وڃي ته معلوم ٿيندو ته سموري تعليم جو بنياد عقيدي ۽ عمل تي ٻڌل آهي. عقيدي جو تعلق فڪري قوت سان آهي ۽ عمل جو تعلق عملي قوت سان آهي. اسلام انهن ٻنهي قوتن کي مقرر ڪيل ضابطا ڏنا آهن ۽ ڪجھ ذميواريون مقرر ڪيون آهن. ان طرح هڪ مڪمل دستور عطا ڪيو آهي. جنهن جي روشني ۾ چٽي طرح ڄاڻ ملي ٿي ته فطري قوت ڪهڙي شيءِ کي سٺي هجڻ ۽ ڪهڙي شيءِ کي بُري هجڻ جو حڪم لڳائي ٿي. ان طرح عملي قوت کي فيصلو ڪرڻ گهرجي ته سندس عمل لاءِ چڱو ڪم ڪهڙو آهي ۽ بڇڙو ڪم ڪهڙو آهي. اسلام جو بنيادي دستور قرآن مجيد, هر شيءِ جي وضاحت ۽ چٽائي لاءِ حدن ۽ اندازن کي بيان ڪرڻ لاءِ موجود آهي. ان ڪري چئي سگهجي ٿو ته اسلام جو نصب العين انسان جي فڪري ۽ عملي قوت کي ڪامل ۽ معياري بڻائي ان کي بهترين حڪمت سان نوازڻ آهي ۽ کيس اشرف المخلوقات جو مقام ۽ مرتبو ڏيڻ آهي. ان سبب انسان کي پنهنجو نائب ۽ دنيا ۾ جانشين متعين ڪيو ويو. پيغمبرن جي اچڻ کي سعادت ۽ آخري رسول جي تشريف آوري کي احسان عظيم قرار ڏنو ويو. (لَقَدْ مَنَّ اللّٰهُ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ) آخري پيغمبر جي آمد اهل ايمان تي الله تعاليٰ جو وڏو تورو آهي. اها حڪمت خدائي عطيو آهي جنهن کي "خير ڪثير" تمام وڏي ڀلائي ۽ وڏي نعمت چيو ويو آهي. (وَمَنْ يُّؤْتَ الْحِكْمَةَ فَقَدْ اُوْتِيَ خَيْرًا كَثِيْرًا)

حڪمت کي وڏي نعمت چوڻ مان مراد هي آهي ته حڪمت جو تعلق فقط علم سان نه آهي بلڪ عمل به ان سان شامل آهي. چو ته جيڪو علم, عمل کان سواءِ آهي, اهو ڀلائي ته ڇا پر مصيبت ۽ تباهي جو سبب آهي. جيئن هڪ حديث شريف ۾ آيل آهي ته "جيڪو علم عمل کان سواءِ آهي اهو ان لاءِ مصيبت جو سبب بڻبو ۽ جيڪو عمل علم کان سواءِ آهي اهو گمراهي تائين پهچائيندو."

قرآن مجيد هڪ اهڙو عملي پروگرام آهي ۽ عقيدي ۽ عمل جو هڪ متوازن ۽ جامع دستور آهي جو جيڪڏهن ان روشني ۾ فڪري ۽ عملي قوتون متحرڪ ٿين ته انسان ۾ "حڪمت" پيدا ٿيڻ لازمي آهي. جيڪو شخص انهيءَ حڪمت تي زندگي گهاريندو ته اها زندگي نهايت ڪامياب هوندي. ان طرح جيڪا به قوم قرآن مجيد جي عقيدي ۽ عمل مطابق, معاشري جي صورت گري ڪندي ته اها دنيا جي صالح ۽ ڪامياب قوم بڻجي ويندي. ان کي اهو حق هوندو ته اها قوم دنيا جي قومن جي



اڳواڻي ڪري ۽ بلند مرتبي تي قرار ڏني وڃي. اها اسان جي دعويٰ ڪنهن خوشفهمي تي ٻڌل ناهي. پر تاريخ جي تجربن ان کي درست ثابت ڪيو آهي. اسلامي عقيدن ۽ عملن جون ڪي بنيادي ڳالهيون اهڙيون آهن جن مسلمانن جي عروج ۽ زوال ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي, ان جو ذڪر ڪرڻ ضروري آهي.

**توحيد:**

توحيد جو تعلق فڪري قوت سان آهي, اسلام جو بنيادي عقيدو توحيد آهي. ان عقيدي جو اثر هي آهي ته انسان الله سبحانه وتعاليٰ جي وجود ۽ صفتن ۾ ڪنهن به شيءِ کي, مخلوق جي ڪنهن به هستي کي شريڪ, ڀائيوار ۽ حصيدار نه سمجهي, هو دل جي گهراين سان يقين رکي ته نفعي ۽ نقصان جو مالڪ فقط خدا تعاليٰ آهي. اهوئي اسان جو پيدا ڪندڙ ۽ اسان ان جي مخلوق آهيون, اسان ان جا ٻانها ۽ هو اسان جو اڪيلو معبود برحق آهي. اسان جو رزق, زندگي, موت, عزت, ذلت, ڪاميابي, ناڪامي, دولت, غربت, سڀ ڪجھ ان جي حڪم سان ٿي رهيو آهي. ان ۾ ڪوبه ٻيو مالڪ وارث ۽ مختيار ناهي. هرگز ناهي ۽ هرگز ٿي نٿو سگهي. ان ڪري انسان کي فقط ان ذات مقدس ۾ اميد ۽ ان کان ڊڄڻ گهرجي. پنهنجون سموريون ضرورتون ان کا ن گهريون وڃن ۽ محتاج فقط ان جو هجڻ گهرجي, اهو يقين رکيو وڃي ته سمورا انسان برابر ۽ هڪ جهڙا آهن., ڪوبه ڪنهن جو حاڪم ۽ ڪوبه ڪنهن جو تابع ناهي, ڪنهن کي به ڪنهن تي ڏاڍ ڪرڻ ۽ ان کي غلام بڻائڻ جو حق حاصل نه آهي. ڪنهن کي به قانون بڻائڻ ۽ ان کي نافذ ڪرڻ ۽ ٻانهن کي پنهنجي مرضي تي هلائڻ جو اختيار نه آهي. البت دنيا جي نظام ۾ ڪمن جي تقسيم ۽ درجه بندي ضروري آهي, ڪي قاضي, ڪي جج, ڪي واپاري, ڪي منتظم, ڪي مزدور ۽ ڪي زمين سنڀاليندڙ ۽ اناج اپائيندڙ هوندا. پر معيشت ۾ سمورن جو حق برابر هوندو ۽ انسانيت جي زمري ۾ هڪ جهڙا هوندا, ڪنهن کي مٿاهون درجو نه هوندو فقط نيڪ عملن ۽ تقويٰ سبب عزت ۽ احترام جي بلندي هر هڪ کي ملي سگهي ٿي.

سڀ ڀلايون, هر قسم جو فلاح ۽ اطمينان انهن خوش نصيبن لاءِ آهي جيڪي پنهنجي هستي کي وجود برحق جي آڏو گم ڪري, فنا ٿي, پنهنجن سڌن ۽ خواهشن کان هٿ کڻي وڃن ٿا, انهن جي محبت, دشمني, ڪشادگي, تنگي, ماڻهن کي ڏيڻ وٺڻ, انهن سان ڳنڍجڻ ۽ ڌار ٿيڻ اهي سمورا عمل فقط خدا تعاليٰ جي رضامندي هيٺ ظاهر ٿين ٿا. ته اهڙا ماڻهو ئي بارگاه ايزدي ۾ پيارا ٻانها قرار ڏنا وڃن ٿا. انهن کان سواءِ اهي ماڻهو جيڪي سرڪش, باغي بڻجي, دنيا ۾ فتنو ۽ فساد ڦهلائين ٿا, انسانن لاءِ نفعي آور بڻجڻ جي بجاءِ نقصان ڏيندڙ ثابت ٿين ٿا, فطرت جي قانون کي ٽوڙين ٿا. اهي بدبخت ۽ محروم شخص آهن, انهن جو دنيا ۾ وجود بدقسمتي ۽ بڇڙائي جي علامت آهي.

# قرآن مجيد جي سمجهڻ ۾ سندس نازل ٿيڻ جي ترتيب جي اهميت

## مولانا عبيدالله سنڌي رحمة الله عليه جي نظر ۾

حڪمت ولي الله جو شارح، امام انقلاب مولانا عبيدالله سنڌي رحمة الله عليه جن لکن ٿا تہ مسلمان قرآن حڪيم کي انسانيت لاءِ آخري رباني پيغام مڃي ٿو. آسان لفظن ۾ هيئن چوڻ گهرجي تہ قرآن دنيا کي انٽرنيشنل انقلاب جو پروگرام ڏئي ٿو. ان طرح قرآن مجيد جو مطالعو ڪندڙ جي فڪري ضرورت جو خيال رکيو وڃي تہ پوءِ سڀ کان پهريان ان تحريڪ جو نصب العين چٽي طرح سامهون هئڻ گهرجي جنهن کي اسين "هُوَ الَّذِیۡۤ اَرۡسَلَ رَسُوۡلَهٗ بِالۡهُدٰی ۔ الخ" ۾ پوشيدو ڏسون ٿا. يعني انسانيت جي قافلي کي منظم طرح اڳتي وٺي هلڻ جي لاءِ دين اسلام کي انسانيت جو آخري منشور بڻائي ڏنو ويو.

عظيم منشور سان گڏوگڏ پارٽي پروگرام جي ضرورت پوندي جنهن کي قرآن جي ڪيترين سورتن ۾ "حزب الله" جي لاءِ تفصيلي حڪم ڏيئي مڪمل ڪيو ويو آهي. تنهن کان پوءِ هڪ مرڪزي ڪاميٽي جي تشڪيل ضروري هوندي جيڪا ان پروگرام کي هلائڻ جي ذميواري قبول ڪري ۽ ڪيس لاهن چاڙهن جي مناسب تبديلي جو پورو اختيار هجي. اسان جي نظر ۾ اسلامي انقلابي جي اها پهرين سينٽرل ڪاميٽي کي قرآن حڪيم جو "اَلسّٰبِقُوۡنَ الۡاَوَّلُوۡنَ۔ الخ" ۾ ان ئي ڪاميٽيءَ جي وجود کي ثابت ڪرڻ مقصود آهي.

جماعت جي اهل فڪر کي ٻي مرحلي ۾ هڪ اهڙي سوسائٽي (سماج) جي ضرورت محسوس ٿيندي جيڪا پوري انقلابي نظرين سان پنهنجو غلبو قائم ڪري. ان سوسائٽي جا ڪارڪن موقعو ملندي ئي انقلابي گورنمينٽ جوڙي وٺندا جيڪا اڳوٽي حڪومتن جي سسٽم کي ڊاهي، پنهنجي انقلابي پروگرام تي هڪ نئين رياست جوڙيندا. اسلامي عقيدن، اخلاقن ۽ اسلامي حڪومت ملڻ سان جيڪا انقلابي سوسائٽي وجود ۾ اچي ٿي، ان جي حڪمت ۽ نظرين کي قرآن حڪيم مان وٺڻ جي نااهليءَ سبب انسانيت کي وڏا نقصان پلئہ پيا آهن.



اسان جا فقيہ گورنمينٽ جي احڪام ۽ انتظامي طريقن کي بہ عقيدن ۽ اخلاقن جيان ضبط ڪيو ڇڏين. جنهن ڪري هڪ قسم جو جمود پيدا ٿيو پوي. عالمن جي گهٽائي توڙي جو ان سڄي قصي مان رڳو ايترو ئي ياد رکي ٿي تہ زاني کي رجم ڪرڻ ۽ چور جو هٿ ڪٽڻ ضروري آهي، سچي ڳالهہ آهي تہ ان قسم جي تفصيلي حڪمن ۾ انهن جون ڪاوشون ساراهہ جوڳيون آهن. جزاهم الله خير. پر ان سان گڏوگڏ جيڪڏهن ڪو خدا جو ٻانهو ان انقلابي سوسائٽي جا حڪم جيڪي گورنمينٽ لاءِ بنيادي سبب جي جاءِ تي آهن الڳ ۽ چٽا ڪري ڏئي ها تہ پوين مفڪرن جون سڀ مشڪلون حل ٿي وڃن ٿا. گورنمينٽ ۽ انقلابي سوسائٽيءَ جا اصولي حڪمن نکيڙ ڪرڻ لاءِ قرآن حڪيم جي مڪي ۽ مدني سورتن جو معين ڪرڻ ضروري آهي.

رسول الله ﷺ جن مڪي زندگي ۾ اهوئي ڪم ڪيو جو عدم تشدد جي پابندي سان هڪ اهڙي عاليشان اجتماعي جماعت تيار ڪئي جنهن جو مٽ دنيا وري نہ ڏيکاري سگهندي.

جن ماڻهن کي "المهاجرين" جي لقب سان ڪوٺيو ويو آهي سي مڪي جا رهاڪو هئا. پر عجب جي ڳالهہ آهي جو مديني جي انصارن جي جماعت پڻ مڪي دور ۾ ئي تيار ٿي، انهن ئي ٻن گروهن مان مستقل مرڪزي جماعت تيار ٿي جنهن مديني ۾ اسلامي حڪومت جوڙي.

قرآن مجيد جي هر سورت جي متعلق مفسرن وٽ روايتون موجود آهن. تہ اها سورت مڪي ۾ نازل ٿي يا مديني ۾. پر ڪيترين سورتن لاءِ روايتون ايتري قدر مختلف آهن جو تن جي تطبيق يا ترجيح ڏيڻ آساني سان ممڪن نہ آهي. ڪجهہ حڪمن جي تاريخ انهن روايتن کي غلط قرار ڏئي ٿي. ڪي مفسر پنهنجن مڃيل نظرين جي سبب انهن روايتن کي صحيح نہ ٿا سمجهن. ان ڪري اهو روايتي سلسلو اطمينان جوڳو نہ رهيو آهي.

هاڻي اسان جي نئين نسل جي اهل دانش کي، جيڪي فڪري ۽ عملي قوت ذريعي گهڻو ڪجهہ پروڙي چڪا آهن. ٻي مقصد اجاين سجاين ڳالهين ۽ شعر شاعري جي ٻي نتيجہ شغل کي ڇڏي، نصب العين جي حاصل ڪرڻ جي سوچ ۾ مصروف ٿي وڃڻ گهرجي. دانشمند انسان جي مقصد ۾ چٽائي هوندي آهي، الجهن ۽ انڌيرو نہ هوندو آهي. قرآن مجيد جي نظرين ذريعي پنهنجي نصب العين کي چٽو ڪرڻو پوندو.

**

# انسان جون ٽي خاصيتون

ٽي خاصيتون آهن، جيڪي انسان کي تخليقي طرح ٻين مخلوقات کان مٿاهون ۽ امتياز وارو بڻائين ٿيون.

### خود آگاهي:

انسان جي پهرين تخليقي خوبي خود آگاهي آهي. خود پنهنجي ذات جو شعور، هن ڪائنات جي پروڙ ۽ پنهنجي ۽ ڪائنات جي وچ ۾ واسطن بابت آگاهي. انهن ٽنهي شين جي آگاهي انسان کي الله جي معرفت جو شعور عطا ڪري ٿي، جيئن جيئن انسان پنهنجي ۽ ڪائنات جي وچ ۾ واسطن جو وڌيڪ شعور حاصل ڪندو ويندو تيئن تيئن مٿس الله تعاليٰ جي معرفت جون حقيقتون ڪلنديون وينديون. الله تعاليٰ جي ذات اڻ ڪٽ ۽ لامتناهي آهي انهيءَ ڪري انسان جو اهو تلاش جو سفر هميشه جاري رهندو ۽ ان جي معرفت جو آخري نڪتو ڪڏهن به اچي نه سگهندو.

### آزاد چونڊ جو اختيار:

باقي جيڪي به مخلوقات آهن انهن کي پنهنجي لاءِ آزاد راءِ سان چونڊ جو اختيار ڪونهي. سڀ مخلوقات پنهنجي تخليقي نهج تي پابند آهي ته اهو ڪري جيڪو فطرت ان جي مٿان مسلط ڪيو آهي. ايستائين جو ملائڪ به پنهنجي سپرد ڪيل ڊيوٽين جا پابند آهن ۽ آزادانه راءِ جي انتخاب جو حق انهن کي به ڪونهي. اهڙي طرح نباتات ۽ جمادات جو حال به ساڳيو آهي ۽ حيوانات به اهوئي ڪري سگهندا آهن جيڪو جبلتي طرح انهن کي سيکاريل هوندو آهي. ليڪن انسان جو معاملو ان کان يڪسر مختلف آهي جو ان کي نيڪي ۽ بديءَ جي ٻن رستن مان چونڊ جو مڪمل اختيار حاصل آهي. "وَهَدَيۡنَٰهُ ٱلنَّجۡدَيۡنِ" اسان ٻن رستن جي واٽ ان کي پڌري ڪري ڏني. "إِمَّا شَاكِرٗا وَإِمَّا كَفُورًا" وٺيس ته فرمانبرداريءَ جي واٽ وٺي يا وٺيس ته انڪار ۽ نافرمانيءَ جي واٽ تي هلي. انهن ٻنهي رستن تي هلڻ جي نفعي نقصان ۽ نتيجي جي خبر انسان کي ڏني وئي آهي، پر انتخاب جو مڪمل حق کيس ئي حاصل آهي. هاڻي جڏهن قدرت پاڻ



ئي انسان کي آزاد راءِ جي چونڊ جو حق ڏنو آهي ته پوءِ مسلڪن ۽ مرشدن کي ڪهڙي طاقت آهي جو اهي ماڻهوءَ کي پنهنجي سوچ جو غلام بنائي رکن. اهڙي طرح انسان جيڪڏهن پاڻ به وحي جي هدايت جو رستو ڇڏي، پنهنجي مٿان مسلڪي رايا يا مرشدن، ابن ڏاڏن جا ورثي ۾ مليل طريقا مسلط ڪري ڇڏيندو ته هو پنهنجي تخليق جو امتيازي شان وڃائي ويهندو ۽ نتيجي ۾ پنهنجو اعليٰ تخليقي مقصد به حاصل ڪري نه سگهندو.

### تخليق جي صلاحيت:

ٻيون مخلوقات شين کي، تصورات کي ۽ افڪار کي خوبيءَ سان وجود ۾ آڻي نٿيون سگهن، انسان کي جيئن ته "عَلَّمَ آدَمَ الْأَسْمَاءَ كُلَّهَا" سڀني شين جا نالا سيکاريا ويا آهن، انهيءَ ڪري تخليق جي صلاحيت سندس امتيازي خوبي بڻجي پئي آهي. هو هن ڪائنات ۾ خالق جي قدرت ۽ تخليق جو مظهر آهي. هاڻي تعليم يافته ۽ باشعور انسان سڏبو ئي اهو جيڪو انسان نئين شيءِ دريافت ڪري سگهي. بظاهر "اڻهوند" جي حالتن کي" هوند" جو واقعو بڻائي ڏيکاري.

هن خصوصيت جو تعلق زندگيءَ جي هر ميدان سان آهي. اهو علم جو ميدان هجي توڻي تجارت جو سماجي معاملن جي ڳالهه هجي توڻي قومي معاملن جي، مطلب ته زندگيءَ جي هر شعبي ۾ اُهوئي شخص وڏي ترقي حاصل ڪري سگهندو جيڪو انهيءَ انساني صلاحيت جو ثبوت ڏئي سگهي.

شين ۽ معاملن جو بنيادي شعور انسان جي تخليقي سرشت ۾ داخل آهي. هاڻي انهيءَ بنيادي شعور جي بنياد تي انسان جيئن پنهنجي تمدني زندگيءَ ۾ شين کي وجود ۾ آڻي ٿو تيئن معاملن ۾ به کيس اعليٰ معرفت جي دريافت تائين پهچڻو آهي. کيس ناموافق حالتن ۾ موافق پهلو دريافت ڪرڻا آهن. هن کي دشمنن جي پيڙ ۾ پنهنجي دوستن جو پتو لڳائڻو آهي ۽ ناڪاميءَ جي طوفانن ۾ ڪاميابيءَ جو سفر طئه ڪرڻو آهي.

جيڪي ماڻهو انهيءَ تخليقي صلاحيت جو ثبوت ڏين اهي ئي صحيح معنيٰ ۾ انسان سڏائڻ جا مستحق آهن ۽ جيڪي ماڻهو انهيءَ تخليقي صلاحيت جو ثبوت نه ڏئي سگهن اهي توڻي جو ظاهر ۾ انساني لباس پهريل هجن، پر حقيقت جي اعتبار سان حيوانن ۾ ڳڻيا ويندا.

اهي ٽي ئي صفتون ۽ خاصيتون آهن جيڪي انسانيت کي ماپڻ جو پيمانو آهن. جنهن شخص ۾ جيڏي خود آگاهي هوندي جنهن حدتائين چونڊ جي صلاحيت هوندي ۽ جنهن حدتائين تخليقي صلاحيت جو مالڪ هوندو، ان حدتائين پنهنجو پاڻ کي مثالي انسان بڻائي سگهي ٿو.

مولانا شعيب الرحمٰن کھڙو

# عليڪم بسنتي

**لباس جون سنتون:**

پاڻ ڪريم ﷺ جيئن اٿڻ ويهڻ، ڪائڻ، پيئڻ ۽ زندگيءَ جي سمورن معاملن ۾ پنهنجي امت کي هدايتون ڏنيون آهن ۽ ٻڌايو آهي ته، هيءُ حلال آهي ۽ هيءُ حرام آهي، هيءُ صحيح آهي ۽ هيءُ غلط آهي. اهڙيءَ طرح پاڻ سڳورن لباس ۽ ڪپڙن جي باري ۾ به واضح هدايتون ڏنيون آهن، ان بابت پاڻ سڳورن ﷺ جي تعليمات جو بنياد قرآن مجيد جي هيٺين آيت هئي:

يٰبَنِيْٓ اٰدَمَ قَدْ اَنْزَلْنَا عَلَيْكُمْ لِبَاسًا يُّوَارِيْ سَوْاٰتِكُمْ وَرِيْشًا ۭ وَلِبَاسُ التَّقْوٰى ۙ ذٰلِكَ خَيْرٌ ۭ (الاعراف: 26)

”اي آدم جي اولاد! بيشڪ مون اوهان تي اهڙي پوشاڪ جا اوهان جي اگهڙن کي ڍڪي ٿي ۽ سينگار جا ڪپڙا لاٿا آهن ۽ پرهيزگاريءَ جي پوشاڪ (انهن ٻنهي پوشاڪن کان) گهڻو چڱي آهي.“

لباس جهڙيءَ طرح انسان جي لاءِ شرمگاه کان ڍڪ ۽ حفاظت آهي، اهڙيءَ طرح اهو انسان لاءِ سينگار ۽ زينت پڻ آهي. جنهن جو مطلب آهي ته لباس اهڙو نه هجڻ کپي جنهن سان انسان جي زينت جو مقصد مورڱن حاصل نه ٿئي.

البت ائين به نه هجڻ گهرجي جو سينگار جي چڪر ۾ ڏيکاءُ ۽ تڪبر جو تاثر ملي ان ڪري لباس جي سلسلي ۾ پاڻ سڳورن اسراف ۽ اجائي خرچ کان بچڻ جي تلقين ڪئي آهي ۽ اهڙي قسم جي ڪپڙي پائڻ کان منع فرمائي اٿائون، جنهن سان تڪبر ۽ ڏيکاءُ ٿيندو هجي، جيئن پاڻ سڳورن ﷺ جو فرمان آهي:

من لبس ثوب الشهرت فی الدنیا البیه الله ثوب من له یوم (ابن ماجه)

”جيڪو ماڻهو دنيا ۾ ڏيکاءُ جي لاءِ ڪپڙا پهريندو الله تعاليٰ ان کي قيامت جي ڏينهن ذلت ۽ رسوائي جو ڪپڙو ڍڪائيندو.“

اهڙيءَ طرح پاڻ سڳورن ﷺ پڻ هدايت ڪئي آهي ته، انسان کي اهڙو لباس پائڻ گهرجي جنهن سان ان جي جسم کي الله تعاليٰ جي فضل ۽ احسان جو اظهار ٿئي. جيئن پاڻ سڳورن ﷺ هڪ ڀيري هڪ مالدار صحابيءَ کي پراڻا ۽ ڦاٽل ڪپڙا پهريل ڏٺا ته ان کي نصيحت ڪندي فرمايائون: جيڪڏهن الله توکي مال ڏنو آهي ته الله تعاليٰ جي نعمت جو اثر ظاهر ڪر! ۽ ان جيڪا توکي عزت ڏني آهي. ان کي نمايان ڪر ۽ هڪ روايت ۾ آهي ته، الله تعاليٰ کي هيءَ ڳالهه پسند آهي ته ان جي نعمتن جو اثر ٻانهن جي جسم تي ظاهر ٿئي. (سنن ابي دائود)

هونئن ته انسان هر قسم جو ڪپڙو پائي سگهي ٿو پر پاڻ ڪريم ﷺ جن کي سڀ کان وڌيڪ پهرياڻ پسند هوندو هو. پاڻ ڪريم ﷺ جن پهراڻ جي قميص ۽ گوڏ استعمال ڪندا هئا. ۽ ڪڏهن چادر پڻ اوڍيندا هئا.

حضرت ابوهريره ؓ فرمائي ٿو ته، ”هڪ ڀيري حضرت عائشه ؓ اسان کي چتين لڳل چادر ۽ ٿلهي ڪپڙي جي گوڏ ڏيکاري ۽ فرمايائون ته: پاڻ سڳورن جو روح انهن ٻن ڪپڙن ۾ قبض ٿيو هو.“



پاڻ ڪريم ﷺ جن انهن ٻن ڪپڙن کان سواءِ پٽڪو پڻ استعمال ڪندا هئا. سندن پٽڪو مبارڪ ڪڏهن ڪارو ۽ اڇو هوندو هو. پٽڪي جي هيٺان مٿي سان چنبڙندڙ ٽوپي استعمال ڪندا هئا، عيدن ۽ ٻين خاص موقعن تي جبو پاڻ استعمال ڪندا هئا.

پاڻ ڪريم ﷺ اڪثر طور تي سفيد ڪپڙا استعمال ڪندا هئا ۽ پنهنجي امت کي پڻ اهڙي قسم جي تلقين ڪندا هئا، پاڻ سڳورن جو فرمان آهي: ”سفيد ڪپڙا پهريو ۽ انهن ۾ ئي مردن کي دفن ڪيو، ڇو ته اهي اوهان جي لاءِ بهتر آهن.“ (ترمذي 17/2)

پاڻ ڪريم ﷺ جن پنهنجي پوري زندگي انتهائي سادگيءَ سان گذاري ڇڏي، جيئن سندن کاڌو پيتو سادو هوندو هو ايئن ئي سندس لباس مبارڪ به سادو هوندو هو. ڪڏهن ڪڏهن جيڪڏهن ڪين ڪتان ڪو عمدو لباس هديي ۾ ملندو هو ته قبول ڪندا هئا ۽ اهو پهريندا هئا، پر عيش ۽ آرائش کان پرهيز ڪندا هئا.

حضرت امان عائشه ؓ فرمائي ٿي ته، ”پاڻ سڳورن ﷺ وٽ هڪ ئي وقت ڪنهن شيءِ جا ٻه جوڙا نه هوندا هئا، نه ٻه قميصون، نه ٻه چادرون، نه ٻه پوتڙا ۽ نه ٻه جتيءَ جا جوڙا.“ (مذاهب للدنيه ص 66) ۽ جستائين پنهنجن ڪپڙن کي چتيون نه لڳائيندا هئا، تستائين اهو ڦٽو نه ڪندا هئا. اتان معلوم ٿيو ته، جيستائين ڪپڙو استعمال جي قابل آهي، ان کي استعمال ڪجي، پر جيڪڏهن استعمال جي قابل نه رهي ته پوءِ استعمال ڪرڻ ڇڏي ڏجي.

هڪ حديث ۾ آهي ته، ”جيڪڏهن اوهين نوان ڪپڙا پهرڻ کان پوءِ پراڻا ڪپڙا استعمال نٿا ڪيو ته اهي ڪنهن غريب کي صدقي ۾ ڏئي ڇڏيو.“
(رواه مسند احمد)

۽ پاڻ ڪريم ﷺ جن پنهنجي امت کي اهڙي قسم جو لباس پهرڻ کان منع ڪئي آهي، جنهن سان تڪبر پيدا ٿيندو هجي، اهوئي سبب آهي جو مردن جي لاءِ پيڏين کان هيٺ گوڏ ۽ سٿڻ لڙڪائڻ کي سخت گناهه قرار ڏنو ويو آهي. ڇو ته اها متڪبرن جي نشاني آهي. اهڙيءَ طرح پٽ ۽ ريشم جو ڪپڙي استعمال ڪرڻ کان منع ڪئي وئي آهي.

انسان کي جيڪا به شيء حاصل ٿئي اها الله جي نعمت آهي، ان تي الله تعاليٰ جو شڪر ڪرڻ گهرجي، اهوئي سبب آهي جو پاڻ ڪريم ﷺ جن جڏهن ڪو نئون ڪپڙو خريد ڪندا هئا ۽ اهو استعمال ڪندا هئا ته هيءَ دعا گهرندا هئا:

اللهم لك الحمد كما كسوتنيه اسالك خيره و خير ماضع له و اعوذبك من شره و شر ما مضع له

(شمائل ترمذي)

اي منهنجا الله! سڀ تعريفون تنهنجي لاءِ آهن، توئي مون کي ڍڪايو. آءٌ توکان ان جو خير ۽ جنهن ڪم جي لاءِ ٺهيل آهي ان جو خير گهران ٿو ۽ ان جي شر ۽ جنهن ڪم جي لاءِ ٺهيل آهي، ان جي شر کان پناه گهران ٿو.

هتي هيءَ ڳالهه به ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته ”پاڻ سڳورا ﷺ ڪپڙي پهرڻ ۽ جتي پائڻ وقت شروعات سڄي پاسي کان ڪندا هئا ۽ جڏهن لباس ۽ جتي لاهيندا هئا ته لاهڻ جي شروعات کٻي کان ڪندا هئا.“ (رواه بخاري)

امير بخاري

## سنڌ ۽ سنڌين جو تاج

# سيد تاج محمود امروٽي رحه

اسان تي مُلڪَ، مذهب جي، مدد لازم، مرڻ تائين
انهيءَ اعلان ۾ ايذا رسي آخر تہ بسم الله
مِنو يانئين، مَنو يانئين، مڏي سڀ مال، مالڪ جو
ٿئي قربان سڀ سامان خدا خاطر تہ بسم الله
انهيءَ آزادگي لئہ آ، ٿئو آرام اڪڙين جو
ڪري ڪو قيد، ان ڪوشش، ڪشش اندر تہ بسم الله

- ”مشرق ۽ مغرب ۾ اسلام ۽ مسلمانن جو وڏو بيحد خطرناڪ ۽ چالاڪ دشمن انگريز ۽ انگريزي اقتدار آهي“.
- ”جيڪڏهن مسلمان، مسلمان ٿيڻ گهرن ٿا تہ صحابہ رضہ جي زندگي ڪي سامهون رکن صحابہ رضہ جي زندگي اسلام جي مڪمل تصوير آهي ۽ قرآن جو تفسير.“

”اهڙا ٿيڙم حال، عمر اباڻن ريءَ منهن جا هتڙي
ٿيس اڇي مان تووٽ ماندي، هت هيس مان سورن وانڊي
اصل نہ ٿئي ڪنهن سان اهڙي شال
ڪڍبنڌياٽي بند مان جيڪر، وڃان اباڻين هتڙان هيڪر
ڇا ڪنڊيس مان تنهن جا مال؟
قيد ڪيو تو جُٺو مون هاٽي، ساهہ سدا تو تن ڏي تاٽي
حُسن، هر ڪنهين حال“

اهي سمجهاڻيون، دانهون، ڪوڪون ۽ فريادون، اهڙي وڏي نانءَ جون آهن جنهن کي سنڌ ۽ ننڍي ڪنڊ جي تاريخ ”آزادي جو امام“ ڄاڻائي ٿي، جنهن سنڌ، سنڌي مسلمانن، ننڍي ڪنڊ جي عوام ۽ مسلمانن کي انگريزن جي غلامي مان ڇڏائڻ لاءِ ورهين جا ورهيہ جاکوڙ ڪئي ۽ انگريز دشمن پاران، جنهن کي قاتل زهر ڏياريو ويو.

”غيرن جو دادني دشمن سيد تاج محمود شاهہ حسن ولد سيد عبدالقادر شاهہ“

پورل شاهہ ڳوٺ ديواني لڳ پريالوءِ (رياست خيرپور ميرس) ۾ ڄائو سندس ڄمڻ جو سن اٽڪل 1857ع ڇيو وڃي ٿو. پاڻ شروعاتي تعليم پنهنجي والد کان



ورتي ۽ اڳتي سنڌ جي هڪ وڏي ۽ مستند عالم دين مولانا عبدالقادر انڍڙ ڳوٺ پنهواري لڳ پنوعاقل وٽ پڙهيو. هن اتي ئي ظاهري تعليم پوري ڪئي. ڪتابي تعليم کان پوءِ تاج محمود روحاني علم لاءِ سندس دور جي قطب عالم ۽ زاهد شخصيت حافظ محمد صديق رحمة الله عليہ وٽ، ڀرچونڊي ۾ پهتو. حافظ الملت رحہ پنهنجي ان وڏي ذات واري مريد کي اک ڇنڀ ۾، روحاني علم سان مالامال ڪري ڇڏيو ۽ حڪم ڏنائين تہ ”وڃي امروٽ وساءِ“ مرشد جي حڪم موجب، امروٽ پهچي، تاج محمود، هميشہ لاءِ امروٽي بڻجي ويو. اتي جي ماڻهن کي پنهنجي جوڙيل مسجد ۽ مدرسي ۾ دين سيکارڻ لڳو. هن امروٽ ۾ نہ فقط ماڻهن کي، علم جي روشني بخشي پر ڪفر، شرڪ، بدعتن، بداخلاقين، برين رسمن، نشي پتي، جوا ۽ ڏاڍ خلاف بہ جهاد شروع ڪيو.

مجاهد امروٽيءَ رحہ جي علم، اخلاق ۽ روحاني سگهہ جي اثر ۾ اچي ڪيترائي غيرمسلم، مسلمان ٿيا ۽ اڻ ڳڻيا مسلمان سڌري ”مؤمن مجاهد“ بڻيا، مولانا جي ڪوشش سان سنڌ ۾ ڪيتريون ئي مسجدون ٺهيون ۽ آباد ٿيون. ڪيترائي مدرسا قائم ٿيا ۽ انهن مان ديناري جو نور پکڙيو. اهو انقلاب دين جي دشمنن لاءِ هاڃيڪار هو. تنهن ڪري اهي سندس ويري ٿي پيا. انهن پنهنجن چاڙتن هٿاران ڪيس تمام گهڻيون تڪليفون ڏياريون پر هن مرد مجاهد جهاد جاري رکيو. تن ڏينهن ۾ سنڌ ۾ هندن جو وڏو زور هيو هنن جي سگهہ کي انگريزن جي ٽيڪ وڌيڪ سگهارو ڪري رهي هئي. تنهن ڪري هندن جي هڪ قومي ٽولي (آريہ سماج) مسلمانن کي هندو بنائڻ جي هڪ هلچل شروع ڪئي. جنهن جو نالو ”شدي سنگهٽن“ رکيو ويو هو. انهيءَ شرارت کان مسلمانن کي بچائڻ لاءِ مولانا امروٽي رحہ، مسلمان عالمن ۽ دانشورن جي هڪ ڪاميٽي ٺاهي. ان ڪاميٽي ۾ مولانا دين محمد وفائي، شيخ عبدالمجيد سنڌي مولانا محمد صادق کڏي وارو ۽ پير صالح شاهہ شامل هئا. جن شدي تحريڪ جو ڀرپور نموني ٽوڙ ڪيو.

سنڌ ۾ انگريزن، سکر بيراج جا واهہ ٽي کوٽرايا، هنن جي مرضي هئي تہ اهي واهہ صفا سڌا نڪرن. انهيءَ مرضي جي پورائي ۾ ڪي مسجدون رڪاوٽ ٿي بڻيون. فرنگين انهن مسجدن جي ڊاهڻ جو پلان بڻايو ۽ ان موجب عمل جي شروعات ڪرائي. اهو ڏاڍ مولانا امروٽي رحہ ڪٿي برداشت ڪري ٿي سگهيو. هن غيرت مند شخص جهاد جو اعلان ڪيو ۽ پاڻ ميدان ۾ نڪري آيو. انگريز امروٽي جي ڪردار ۽ للڪار کان ڊڄي ويا. ان طرح ”مسجد جوٽيجا“ لڳ امروٽ، ”مسجد ڪلواڙي“ لڳ رڪ ۽ ”مسجد ابيجاٽي“ تعلقو روهڙي شهيد ٿيڻ کان بچي ويون.

انگريزن کي ڏيهہ نيڪالي ڏيڻ لاءِ ننڍي ڪنڊ جي ماڻهن ۽ هند سنڌ جي مسلمانن جيڪا جاکوڙ ڪئي، اها انهيءَ شخص تاج محمود امروٽي رحہ جي ايمان ۽ عمل سان سگهاري ٿي. هن خلافت تحريڪ، ريشمي رومال تحريڪ،

عدم تعاون تحريڪ، هجرت تحريڪ ۽ انگريزن خلاف جهاد تحريڪ ۾ پنهنجن عزيزن، دوستن، مريدن ۽ شاگردن جي سگهه سان عظيم ڪردار انجام ڏنو. امام انقلاب مولانا عبيدالله سنڌي رحہ کي انگريزن جي خلاف ڪابل ۾ محاذ ٺاهڻ لاءِ جيڪا هجرت ڪرڻي پئي ۽ هڪ وڏي جهاد جي منصوبه بندي ڪرڻ لاءِ پلان تجويز ٿيو ته ان تحريڪ ۾ به مولانا امروٽي رحہ ساٿاري هيو. ڪابل تائين پهچائڻ ۾ مولانا امروٽي ڀرپور تعاون ڪيو. جڏهن اها ڳالهه ظاهر ٿي پئي ته انگريزن مولانا امروٽي رحہ کي جيل اماڻي ڇڏيو. سيد تاج محمود امروٽي رحہ انگريزن خلاف هلچل سگهاري ڪرڻ لاءِ پنهنجي علمي، ادبي، شاعراڻي، صحافتي ۽ سماجي رهنما هجڻ واري ذات، سياسي ذات سان گڏ جهاد واري جذبي ۽ عمل سان استعمال ڪئي هن پنهنجن ساٿين سان گڏ سنڌ جي شهرن ۽ ڳوٺن ۾ انگريزن کي ڪڍڻ جو پرچار ڪيو. ان مقصد لاءِ سنڌ کان ٻاهر لاهور، بمبئي، دهلي، علي ڳڙهه، ڪلڪتي ۽ ٻين شهرن ۾ تقريرون ڪيون. آخري ڏينهن ۾ کين جمعيت علماءَ سنڌ جو صدر بڻايو ويو. ان عهدي کي به پاڻ آزاديءَ لاءِ وڏي خوبي سان ڪم آندائون. سيد تاج محمود امروٽي رحہ جن، وڏا عالم، استاد، مبلغ، خطيب، شاعر، اديب، صحافي، روحاني رهبر، سماج سڌارڪ ۽ سياستدان ته هئا ئي هئا پر عظيم مجاهد پڻ هئا. هن خدا جي مطلوب شخص ۽ مرد مجاهد سڄي حياتي ڪفر، شرڪ، بدعت، ظلم، استحصال ۽ غلامي جي خلاف جهاد ۾ گذاري.

هن روحاني رهبر جي پوئلڳن مولانا عبدالعزيز پريچاڻي رحہ، ميان محمد صالح بائجوي رحہ، عارف بالله حماداالله هاليجوي رحہ، سيد دين محمد شاهه ميمڻن وارو رحہ، حافظ عبدالعزيز ڪالاباغ رحہ، سيد دين محمد شاهه شجراهن وارو، مولانا احمد علي لاهوري رحہ ۽ ٻين بزرگن پڻ دين ۽ دنيا جي ڀلائي لاءِ پنهنجي مرشد وانگر مسلمانن جي رهنمائي ڪئي ۽ انهن جي تربيت ڪئي.

صاحب علم ۽ صاحب دل امروٽي رحمة الله عليه جون تصنيفون به ادب ۽ شاعري ۾ وڏي شان وارو واڌارو ڪن ٿيون. ڪجهه هي آهن.

- الرحمان ۽ ياسين سورتن جو منظوم سنڌي ترجمو
- قرآن پاڪ جو بامحاوره سنڌي ۾ ترجمو
- الهام الرحمان في تفسير القرآن
- مثنوي پريت نامون
- گلشن امروٽي
- امروٽي جي شاعري
- فارسي شاعري

انهن مان ڪي ڪتاب ۽ سنڌي شاعري اڃان تائين ڇپجي نه سگهي آهي.



سنڌ ۽ سنڌين سان پيار ڪندڙ سنڌي مسلمانن کي انقلاب جو رستو ڏيکاريندڙ سنڌين کي غلامي مان ڇوٽڪارو ڏياريندڙ آزاديءَ لاءِ جاکوڙ ڪندڙ روحاني ۽ مادي سگهه سان ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ جون پاڙون پٽيندڙ سنڌي عالمن، اديبن، شاعرن، استادن، شاگردن، هارين ۽ مزدورن کي اتحاد بخشيندڙ مجاهداعظم، وطن جي آزادي جو امام، سيد تاج محمود شاهه امروٽي رحہ انگريزن پاران ڏياريل زهر جي اثر هيٺ 5 نومبر 1929ع تي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪيو (اِنَّا لله وَاِنَّا اِلَيْهِ رَاجِعُوْنَ) هن جي رحلت تي عالم اسلام، نئيدي ڪنڌ ۽ سنڌ جي مسلمانن رت جا ڳوڙها ڳاڙيها، سندن وفات تي سنڌ جي عالم ۽ اديب ۽ علامه اقبال رحہ جي استاد مولانا علي محمد ڪاڪيپوٽه جن عربي ۾ هڪ مرثيو لکيو جنهن جو مطلع هي آهي.

”بكت عيني علىٰ شيخ كبير
جري دمعي كماءِ من غدير“

روزانه ”الوحيد“ لکي ٿو ته، ”انگريزن جي دور ۾ مولانا امروٽي رحہ ”هڪ رانجهون لڪان جيها“ تي گذريو آهي جنهن جي انقلاب پسند ۽ مجاهدانه حيثيت جو پوري هندستان اعتراف ڪيو سندس زبان مان نڪتل لفظ ”ترڪ موالات“ کي گاندي به قبول ڪيو. نان ڪو آپريشن ۽ قطع تعلقات جي لفظن هنڌگير تحريڪون پيدا ڪيون.“ (الوحيد 1936ع سنڌ آزاد نمبر)

شيخ الاسلام سيد حسين احمد مدني رحمة الله عليه جن لکن ٿا، سندن ڳوٺ (امروٽ) سنڌ جي انهن ضلعن ۾ حضرت شيخ الهند جي مشن جو مرڪز رهيو. حڪومت گرفتار ڪيو پر دٻ نه جهلي سگهي ۽ جلد آزاد ڪيو. (تحريڪ ريشمي رومال)

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو ته، اسان جي سنڌ سونهاري، انگريزن جي غلامي واري زماني ۾ به اهڙا جليل القدر ۽ صاحب استقلال مرد پيدا ڪيا جن آزادي جي جدوجهد ۾ هر قسم جون قربانيون ڏنيون انهن ۾ رئيس غلام محمد خان ڀرڳڙي، مولانا عبيدالله سنڌي رحہ، مولانا سيد تاج محمود امروٽي رحہ ۽ جان محمد جوڻيجو قابل ذڪر آهن. (مهراڻ سوانح نمبر)

پير علي محمد شاهه راشدي لکي ٿو ته، انگريزن خلاف، خلافت ۽ ڪانگريس تحريڪن جي سلسلي ۾ جهاد جو جذبو جاڳيو ان سنڌ اندر حقيقي جاڳائيندڙ مولانا سيد تاج محمود امروٽي رحہ هو. (اهي ڏينهن اهي شينهن)

انهن تاثرات مان هن مرد مجاهد جي جاکوڙ جو نمونو سامهون اچي ٿو ۽ اها خواهش جاڳي ٿي ته رب سائين هڪ ڀيرو وري سنڌ ۾ ڪو ”تاج محمود“ پيدا ڪري جيڪو سنڌ ۽ سنڌين کي اجوڪين اڻ ڳڻ قسمن جي غلامين مان جند ڇڏائي. جهاد جي جذبي سان اڳواڻي ڪري ۽ آزادي ۽ خوشحالي جي نعمتن سان آسودو ڪري.